

REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 06 مارچ 2024 ع بمطابق 24 شعبان المعظم 1445 ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 281

9 مئي جي ذميوارن کي سختي سان منهن ڏنو ويندو: ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس

چونڊن کانپوءِ سياسي ۽ معاشي استحڪام جي اميد آهي، حڪومت کي مڪمل سهڪار فراهم ڪنداسين، ڪجهه فوج کي بدنام ڪري رهيا آهن، جيڪو مذمت جوڳو آهي

چونڊن ۾ فوج عوام کي محفوظ ماحول فراهم ڪيو، ڪجهه عنصر معاشري ۾ مايوس ۽ نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، عوام متحد رهي ۽ ملڪي ترقي ۾ حصو وٺي

هٿياربند فوجن جو سيڪيورٽي ڪانسواءِ چونڊ عمل سان ڪو به واسطو نه هو، جمهوري استحڪام ئي ملڪ جي اڳتي وڌڻ جو رستو آهي، مشڪلاتن باوجود فوج اليڪشن ڪميشن جي هدايتن تي عمل ڪيو

غير آئيني ۽ بي بنياد سياسي بيان بازي ۽ جذباتي شرانگيزي جو سهارو وٺڻ بدران ثبوتن سان قانوني طريقي ڪار تي عمل ڪيو وڃي، ميڊيا خاص ڪري سوشل ميڊيا جي ڪجهه مفاد پرست عنصرن بغير ڪنهن ثبوت جي هٿياربند فوج کي بدنام ڪيو

9 مئي جي منصوباسازن ۽ سهولتڪارن کي سختي سان منهن ڏنو ويندو ۽ هر صورت ۾ انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو: ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس

راولپنڊي (م ڊ) ڪور ڪمانڊرز چونڊن ۾ فوج جي مداخلت جي الزامن جي مذمت ڪندي چيو آهي ته چونڊن ۾ فوج عوام کي محفوظ ماحول فراهم ڪيو. آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ 263هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ چيو ويو ته چونڊن کانپوءِ سياسي ۽ معاشي استحڪام جي اميد آهي، حڪومت کي مڪمل سهڪار فراهم ڪنداسين. ڪجهه فوج کي بدنام ڪري رهيا آهن. جيڪو مذمت جوڳو آهي. آءِ ايس پي آر موجب فورم عام چونڊن دوران محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ تي سول انتظاميا، قانون لاڳو ڪندڙن ۽ سيڪيورٽي فورسز جي ڪوشش کي ساراهيو. ڪور ڪمانڊرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت ۾ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس جو ڏيک

پ پ سينيٽ چونڊن لاءِ مير عبدالقدوس بزنجو کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير مير عبدالقدوس بزنجو کي سينيٽ چونڊن لاءِ پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ مير اعجاز جکراڻي اڳوڻي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو کي پارٽي طرفان سينيٽ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم گوادر پهتو، برسات کان ٿيندڙ نقصانن جو ازالو ڪيو ويندو: شهباز شريف

متاثرين جي آبادڪاري تائين امداد جاري رکنداسين، عوام جي خدمت حڪومت جو فرض آهي، مڪمل تباهه ٿيندڙ گهرن جي مالڪن کي ساڍا 7 لک رپيا معاوضو ڏنو ويندو

جديد ٽيڪنالاجي ۽ سيٽلائيٽ جي ذريعي قدرتي آفتن جي وقت کان اڳ تعين جي لاءِ نظام جوڙيو وڃي، متاثر مواصلاتي ڍانچي جي بحالي ۽ نجي ملڪيتن جي نقصان جي تفصيلي جائزي تي جلد رپورٽ پيش ڪيو وڃي

وڏو وزير مشڪل وقت ۾ فوري هتي پهچي ۽ متاثرين جي پنهنجي وت آهر امداد ڪئي، هي ڪو احسان نه آهي پر بطور چونڊيل حڪومت اسان جو فرض آهي، اسان متاثرين سان گڏ بيٺل آهيون

بلوچستان جي وڏي وزير جي قيادت ۾ سمورن نقصانن جو ازالو ڪنداسين، مصيبت ۾ پنهنجي ڀائرن سان گڏ بيٺل هجڻ جو حڪم اسان جو مذهب به ڏي ٿو، ان فرض جي ادائيگي ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪنداسين

2022 ع ۾ موسمياتي تبديلين سان انهن علائقن ۾ طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ سان وڏو نقصان ٿيو، اسان هن وقت هر متاثر جڳهه تي پهتاسين ۽ وفاقي حڪومت متاثرين ۾ 100 ارب رپيا ورهايا

گوادر (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ ۾ تازين برساتن ۾ فوت ٿيندڙن جي پونئيرن کي 20 لک جڏهن ته زخمين کي 5 لک رپيا في فرد امداد ڏيڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته برسات کان ٿيندڙ نقصانن جو ازالو ڪيو ويندو، متاثرين جي آبادڪاري تائين امداد جاري رکنداسين، عوام جي خدمت حڪومت جو فرض آهي، مڪمل تباهه ٿيندڙ گهرن جي مالڪن کي ساڍا 7 لک رپيا معاوضو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

گوادر: وزيراعظم شهباز شريف برسات متاثر عورتن کان تفصيل پڇندي

لاهور هاءِ ڪورٽ پرويز مشرف کي اهو رليف ڏنو، جيڪو گهريو ئي نه ويو هو: سپريم ڪورٽ

اڳوڻي فوجي آمر جنرل رٽائرڊ پرويز مشرف خلاف سنگين غداري ڪيس جو ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جي ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري

خاص عدالت جي فيصلن خلاف اپيلون سپريم ڪورٽ ئي ٻڌي سگهي ٿي، لاهور هاءِ ڪورٽ جو خاص عدالت جوڙڻ جو ڪيس ٻڌڻ جو اختيار نه هو

عدالت جي فيصلي خلاف اپيل جو حق مجاز فورم تي موجود هو، لاڳاپيل فورم کي ڇڏي لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو نه ڪجي ها

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ اڳوڻي فوجي آمر جنرل رٽائرڊ پرويز مشرف خلاف سنگين غداري ڪيس جو ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جي ڪيس جو تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. سپريم ڪورٽ لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وفاق سان رابطو رکنداسين پر ووٽ چورن سان مفاهمت نه ڪنداسين: علي امين گنڊاپور

نظريي موجب ڪم جاري رکنداسين، اهڙو نظام جوڙينداسين ته اڳتي ڪو مينڊيٽ چوري نه ڪري سگهي

چيف جسٽس کي درخواست آهي ته 9 مئي تي ڪميشن جوڙي، اسان جون عورتون ۽ ڪارڪن جيلن ۾ آهن

اسان پاڪستان لاءِ ٻه حڪومتون ڇڏيون آهن، عمران خان اسان جي ٻارن جي جنگ وڙهي رهيو آهي: صحافين سان ڳالهيون

راولپنڊي (م ڊ) خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو آهي ته صوبائي حڪومت طور وفاق سان رابطو رکنداسين پر ووٽ چورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪي پي ڪي جو وڏو وزير علي امين گنڊاپور

سپريم ڪورٽ ذوالفقار ڀٽو ڪيس بابت صدارتي ريفرنس تي اڄ راءِ ٻڌائيندي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار ڀٽو ڪيس بابت صدارتي ريفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

خاموش ڪيئن رهون؟ ووٽ پي ٽي آءِ کي مليو، وزيراعظم شهباز شريف بڻجي ويو: اسد قيصر

آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ اسيمبلي ۽ عوام ۾ جدوجهد ڪنداسين، ڌانڌلي جي خلاف اسان سمورا دروازا وڄائينداسين

عمران خان ڪنهن کان به انتقام وٺڻ جو ارادو نٿو رکي، سيني کان پهريان اسان کي هن نظام کي تبديل ڪرڻو آهي

مولانا فضل الرحمان سان اسان جا فاصلا ڊگها آهن انهي کي وقت سان گڏ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف جي سينئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسد قيصر چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان چئي چڪو آهي ته چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي آهي. اسان ڪيئن خاموش رهون؟ ووٽ پي ٽي آءِ کي مليو، وزيراعظم شهباز شريف بڻجي ويو نجي ٽي وي چينل سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته اسان آئين جي بالادستي ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ اسيمبلي ۽ عوام ۾ جدوجهد ڪنداسين. ڌانڌلي جي خلاف اسان سمورا دروازا وڄائينداسين اسان وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪهڙو آپشن آهي. اسد قيصر چيو ته عوام ووٽ پي ٽي آءِ کي ڏنا ۽ وزيراعظم شهباز شريف بڻجي ويو. ان تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي ٽي آءِ سينئر اڳواڻ اسد قيصر

يوٽيليٽي اسٽورن تي ساڍا 7 ارب رپين جي رمضان رليف پيڪيج جو اعلان

رمضان پيڪيج تحت 800 گرام پتي 100 رپيا، في ڪلو بيسڻ ۽ کارڪ 50 رپيا سستو

بي آءِ ايس پي واهپيدارن لاءِ في ڪلو کنڊ 109 رپيا، گيهه 365 رپيا ۽ 10 ڪلو اٽو 648 رپين تي برقرار هوندو

کير جو في ليٽر ٽيٽرا پيڪ 30 رپيا، دالين ۽ چانور 25 رپيا في ڪلو، ڪوڪنگ آئل 25 رپيا في ليٽر سستو هوندو

اسلام آباد (م ڊ) يوٽيليٽي اسٽورن تي ساڍا 7 ارب رپين جي رمضان رليف پيڪيج جو اعلان ڪيو ويو. يوٽيليٽي اسٽورن رمضان پيڪيج تحت اگهن ۾ گهٽتائي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جيڪو 5 مارچ کان لاڳو ٿيندو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سينيٽ جي 48 سيٽن تي چونڊون اپريل جي پهرين هفتي ۾ ڪرائڻ جو فيصلو

3 اپريل تي سنڌ، پنجاب مان 12_12 ۽ اسلام آباد جي 2 سينيٽرز جي چونڊ ٿيندي

خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان مان 11_11 نوان سينيٽرز چونڊجندا، فاٽا جي سيٽن تي چونڊ نه ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن سينيٽ جي 48 سيٽن تي چونڊون اپريل جي پهرين هفتي ۾ ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي اليڪشن ڪميشن جي ذريعن ٻڌايو آهي ته 3 اپريل تي سنڌ، پنجاب مان 12_12 ۽ اسلام آباد جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

وڏي وزير 25 هزار اهلڪارن جي ڀرتي جا حڪم ڏنا آهن: آءِ جي سنڌ

آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي صدارت هيٺ اهلڪارن جي ڀرتين جي حوالي سان اهم اجلاس

25 هزار اهلڪارن جي ڀرتي لاءِ مرحلي وار ٽيسٽ شيڊيول متعارف ڪرايو ويندو: بريفنگ

ڀرتين سان نه رڳو پوليسنگ کي هٿي ملندي پر هزارين نوجوانن کي روزگار به ملندو: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (م ڊ) سنڌ پوليس ۾ 25 هزار اهلڪارن جي ڀرتين جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيس آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا جي صدارت هيٺ اگاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آءِ جي سنڌ رفعت مختار راجا

سعودي پاران رمضان کان اڳ پاڪستان کي 100 ٽن کارڪن جو تحفو

رياض (م ڊ) سعودي عرب پاران رمضان کان اڳ پاڪستان کي 100 ٽن کارڪن جو تحفو ڏنو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پاڪستان پاران غزه جنگ جي خاتمي لاءِ بين الاقوامي امن ڪانفرنس گهرائڻ جو مطالبو

عالمي برادريءَ کي غزه تي اسرائيلي اڳرائيءَ کي فوري روڪڻ لاءِ پنهنجي ذميواري نڀائڻ گهرجي: منير اڪرم

سڄي دنيا وڌندڙ مايوسي ۽ ڪاوڙ سان غزه ۾ فلسطيني عوام تي مڙهيل تاريخي ۽ نه ختم ٿيندڙ ظلمن کي ڏسي رهي آهي

گڏيل قومون (م ڊ) پاڪستان اسلامي ملڪن جي نمائندگي ڪندي فلسطين جي صورتحال تي بين الاقوامي امن ڪانفرنس گهرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي، جنهن جو مقصد ٻه رياستي حل جي دائره ڪار ۾ فلسطينين جي اُمت حق خودارادیت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي پاران شهباز شريف کي مبارڪون

ايڪس تي نريندر مودي شهباز شريف کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني

سعودي ولي عهد، ترڪ صدر ۽ ايراني صدر به شهباز شريف کي مبارڪون ڏنيون

اسلام آباد (م ڊ) شهباز شريف جي وزيراعظم چونڊجڻ تي ڀارتي هم منصب نريندر مودي مبارڪباد پيش ڪئي آهي. سماجي رابطن جي ويب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ناليواري بينڪر محمد اورنگزيب کي ناڻي واري وفاقي وزير بڻائڻ جو فيصلو

محمد اورنگزيب ن ليگ قائد نواز شريف سان به ملاقات ڪئي: ذريعا

اسحاق ڊار کي ٻي ڪا اهم وزارت ڏيڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (م ڊ) ناليواري بينڪر محمد اورنگزيب کي ناڻي واري وفاقي وزير بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب ن ليگ اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

شبلي فراز منظر تي، رڳو ساهه کڻڻ جو حق باقي آهي: سينيٽر

مخصوص سيٽن کي ڇڏيو، ڪهڙو ڪهڙو حق ناهي کسيو ويو؟

مهانگائي وڌندي، جو ته مهانگائي آڻڻ انهن جي ايجنڊا ۾ شامل آهي

پشاور (م ڊ) گهڻي عرصي کان منظر تان گم تحريڪ انصاف سينيٽر شبلي فراز چيو آهي ته رڳو ساهه کڻڻ جو حق باقي آهي. پشاور ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بلاول ڀٽو پاران ڪامريڊ جام ساقي کي ڀيٽا پيش

جام ساقي ضياء جي آمريت واري دور ۾ قيد برداشت ڪيو: بلاول

شهيد بينظير ملٽري ڪورٽ ۾ جام ساقي جي حق ۾ گواهي ڏني هئي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران پارٽي اڳواڻ جام ساقي جي ورسي جي موقعي تي کيس ڀيٽا پيش ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پي ٽي آءِ سڄي ملڪ ۾ احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏيو

عمران خان آچر تي احتجاج جو سڏ ڏنو آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

اليڪشن ڪميشن جي فيصلي خلاف احتجاج ڪنداسين

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون نه ملڻ تي اليڪشن ڪميشن خلاف احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏيو پي ٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: عمارت کي لڳل باهه فائر برگيڊ عملو وسائي رهيو آهي

گوادر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ برسات کان پوءِ وبائي بيماريون پکڙجڻ لڳيون

شهر ۾ ڊائريا ۽ نمونيا سميت مختلف وبائي بيماريون پکڙجڻ لڳيون آهن

آلوده پاڻي جي استعمال سبب مريضن جي انگ ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي

پشاور (م ڊ) گوادر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ برسات کان پوءِ وبائي بيماريون پکڙجڻ لڳيون. گوادر ۽ سربندن جي اسپتالن ۾ ڊائريا ۽ نمونيا / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

فرانس حمل ضايع ڪرڻ کي آئيني تحفظ ڏيندڙ پهريون ملڪ بڻجي ويو

72 جي ڀيٽ ۾ 780 ووٽن سان آئين ۾ ترميم منظور ڪئي وئي

فرانس ۾ 1975 ع کان ئي حمل ضايع ڪرڻ کي قانوني حيثيت حاصل آهي

پيرس (م ڊ) فرانس حمل ضايع ڪرڻ کي آئيني تحفظ ڏيندڙ دنيا جو پهريون ملڪ بڻجي ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب گڏيل ڏينهن فرانسيسي پارليامينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

مالديپ جو ڀارت کي ڪڍي چين سان دفاعي معاهدو

معاهدو مضبوط ٻه طرفن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ لاءِ هو: مالديپ جو صدر

10 مئي کان پوءِ ڪو به ڀارتي نه وردي ۾ نه ئي بنا وردي ۾ نظر اچي

مالي (م ڊ) مالديپ ڀارتي فوجين کي ملڪ مان نڪرڻ جو حڪم ڏيڻ کان پوءِ چين سان فوجي مدد معاهدي تي صحيحون ڪري ورتيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪنڌڪوٽ: هفتو اڳ اغوا ٿي ويل 4 مغوي بازياب

مغوين کي دراني مهر جي ڪچي مان بازياب ڪرايو ويو: پوليس

جلد ٻين مغوين کي به بازياب ڪرائي ڌاڙيلن جو خاتمو ڪيو ويندو: ايس ايس پي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ پوليس هفتو اڳ اغوا ٿي ويل بگٽي برادري جي چئن مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

وزيراعظم سان آصف زرداري ۽ بلاول جي سربراهي ۾ پ پ وفد جي ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

وفد شهباز شريف کي وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

پيپلزپارٽي معاشي استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ حڪومت سان گڏ بيٺل رهندي: آصف علي زرداري

اسلام آباد (م ڊ) نئين چونڊيل وزيراعظم شهباز شريف سان اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ پيپلزپارٽي جي وفد ملاقات ڪئي. پيپلزپارٽي جي وفد ۾ وڏو وزير مراد علي شاهه به شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

حڪومت جو حصو ناهيون، رڳو آئيني عهدن لاءِ اليڪشن وڙهون پيا: شازيا مري

آئين اسيمبلي کي يرغمال بڻائڻ کان روڪي ٿو، اسان سان جيڪو ڳالهائيندو اسان ان سان ڳالهائينداسين

اسپيڪر جي چونڊ کانپوءِ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ٿيندي آهي پر اسپيڪر صاحب ميمبرن کي تقريرن جو موقعو ڏنو

قومي اسيمبلي ۾ گوڙ هو، اسان تقريرن کي نه ٻڌي سگهياسين، جڏهن تقريرون ڪير نه ٻڌي سگهي ته عوام کي ڳڻتي ٿيندي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ شازيا مري چيو آهي ته اسان حڪومت جو حصو نه آهيون. رڳو آئيني عهدن لاءِ اليڪشن وڙهي رهيا آهيون. ڪراچي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پ پ اڳواڻ شازيا مري (فائل فوٽو)

عام چونڊون، اليڪشن ڪميشن ٽڪن جي حساب سان فارم 45 ويب سائيٽ تي جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان عام چونڊن 2024 جي نتيجن جا فارم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آءِ ايم ايف جو مطالبو: سرڪاري ملازمن جي پينشن لاءِ نئين رضاڪارانه اسڪيم تيار

نون سرڪاري ملازمن کي حڪومتي پينشن جي بجاءِ رضاڪارانه پينشن اسڪيم ڏني ويندي: ذريعا

وفاقي حڪومت سرڪاري ملازمن جي راضپي سان انهن کي نئين اسڪيم ۾ منتقل ڪري سگهي ٿي

اسلام آباد (م ڊ) آءِ ايم ايف جي هڪ ٻئي مطالبي کي سامهون رکندي وفاقي حڪومت سرڪاري ملازمن جي پينشن جو وڏو بار ختم ڪرڻ جي لاءِ نئين رضاڪارانه پينشن اسڪيم تيار ڪري ورتي آهي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مريم نواز جو وزيراعليٰ بڻجڻ پاڪستان جي سياست لاءِ پيڙهه جو پٿر آهي: آمريڪا

اسان جو ڌيان نئين وزيراعظم ۽ سندس حڪومت سان گڏ گڏيل مفادن کي اڳتي وڌائڻ تي آهي

پاڪستان سان پراڻي حصيداري آهي، آمريڪا پاڪستان سان اتحاد کي قدر جي نظر سان ڏسي ٿو

خوشحال پاڪستان ٻنهي ملڪن جي مفاد لاءِ اهم آهي عورتن کي سياسي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ لاءِ سهڪار جا منتظر آهيون

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي ته هنن جو ڌيان پاڪستان جي نئين وزيراعظم شهباز شريف ۽ سندس حڪومت سان گڏ گڏيل مفادن کي اڳتي وڌائڻ تي آهي. واشنگٽن ۾ پريس بريفنگ دوران ميٿيو ملر چيو ته مريم نواز جو وزيراعليٰ پنجاب بڻجڻ پاڪستان جي سياست لاءِ پيڙهه جو پٿر آهي. هن چيو ته پاڪستان سان پراڻي حصيداري آهي، آمريڪا پاڪستان سان اتحاد کي قدر جي نظر سان ڏسي ٿو سندس چوڻ هو ته خوشحال ۽ جمهوري پاڪستان ٻنهي ملڪن جي مفاد لاءِ اهم آهي عورتن کي سياسي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پاڪستان سان سهڪار ڪرڻ جا منتظر آهيون. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان سعودي سفير ملاقات ڪندي

مقرريون ۽ بدليون، اسدالرحمان گيلاني وزيراعظم جو پرنسپل سيڪريٽري مقرر

وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ کان پوءِ شهباز شريف پهريون حڪم پنهنجي نئين سيڪريٽري جي مقرري جو جاري ڪيو

خرم آغا کي وزيراعظم جي موجوده پرنسپل سيڪريٽري جي عهدي تان هٽائي وفاقي سيڪريٽري ڪامرس مقرر ڪيو ويو

سيڪريٽري ڪامرس محمد صالح فاروق کي عهدي تان هٽائي انهي کي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) اسٽيبلشمينٽ ڊويزن وفاقي بيورو ڪريسي ۾ مقررين ۽ بدلين جو باضابطه طور تي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ کان پوءِ شهباز شريف پهريون حڪم پنهنجي نئين سيڪريٽري جي مقرري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پي ٽي آءِ يوٽيوبر عادل راجا ۽ حيدر مهدي کان لاتعلقي ظاهر ڪري ڇڏي

عوام عادل راجا ۽ حيدر مهدي تي اعتماد نه ڪري، پي ٽي آءِ جي پنهنجي ميڊيا ۽ پنهنجو ترجمان آهي: اسد قيصر

ڪجهه ڏينهن کان شير افضل مروت خلاف يوٽيوبر ٻاهر ويٺي مهم هلائي رهيا آهن، اهي يوٽيوبر شاهه محمود قريشي ۽ پرويزالاهي خلاف به مهم هلائيندا رهيا

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف يوٽيوبرز عادل راجا ۽ حيدر مهدي کان لاتعلقي جو اعلان ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ اڳواڻن هڪ وڊيو بيان جاري ڪندي چيو ته تحريڪ انصاف جو عادل راجا ۽ حيدر مهدي سان ڪو واسطو ناهي. پي ٽي آءِ طرفان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

راڻيپور جي پيراڻي حويلي مان گم ٿيل ناريءَ کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جج ناري ثناءَ گراماڻي جي بازيابي لاءِ داخل درخواست جي ٻڌڻي ڪئي

پيرن جي حويلي مان ناري ثناءَ گراماڻي کي گم ٿئي 2 سال کان وڌيڪ جو عرصو گذري ويو آهي: وڪيل

ايندڙ حاضري تي ناري بازياب نه ٿي ته ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي ضمانت رد ڪري جيل موڪليو ويندو: عدالت

سکر (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ راڻيپور جي پيراڻي حويلي مان مبينا طور گم ٿي ويل قمبر واسڻ ناري ثناءَ گراماڻي کي بازياب ڪرائي پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لاهور: پي سي بي چيئرمين محسن نقوي رانديگرن سان ڳالهائي رهيو آهي

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ اڄ کان وڌيڪ برساتن ۽ برفباري جا امڪان، سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ موسم ٿڌو ۽ خشڪ رهندو

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ اڄ کان وڌيڪ برساتن جو امڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: پسند جو پرڻو ڪندڙ نوجوان جو فليٽ جي ڇت تان لاش هٿ، زال گم

پٽ دڪان تي نه پهتو ته گهر ويس، دروازو نه کلڻ تي در ڀڃي اندر داخل ٿيس ته پٽ جو لاش مليو: والد

مون سي سي ٽي وي فوٽيج ڪيڊرائي ته ان ۾ صبح جو منهنجي ننهن گاڏي ڪٽي ويندي نظر اچي رهي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڊفينس واري علائقي ۾ هڪ فليٽ جي ڇت تان نوجوان جو مٿي تي گولي لڳل لاش مليو آهي. مقتول 5 سال اڳ پسند جو پرڻو ڪيو هو مقتول جي والد ٻڌايو ته پٽ دڪان تي نه پهتو ته گهر ويس. دروازو نه کلڻ تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جهڏو ۾ ٿرپارڪر جي پريمي جوڙي پاران تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو، نوٽيس جي گهر

21 سالہ نوجوان ٽيلارام پٽ ميا رام سان ميرپورخاص جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪيو

مائٽن مونکي ٻئي ڪنهن سان زبردستي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: لڇمي ڪولهي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ ٿرپارڪر جي پريمي جوڙي تحفظ لاءِ احتجاج ڪيو اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ هراڻو ڪولهي جي 19 سال لڇمي ڌي، نارائڻ ڪولهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو ۾ 8هين آل سنڌ بيڊمينٽن ٽورنامينٽ جي فائنل ۾ جيم خانہ ڪلب دادو ۾ تقريب

ايم پي اي پير مجيب الحق، ڊي سي فياض حسين راهوجو، ايس ايس پي شبير احمد سيٺار شريڪ

صابر حسين پنڊ، ولي چانڊيو سميت وڏي انگ ۾ رانديگرن ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

رانديگرن جا ميدان ڪليل هوندا آهن اتي اسپتالون ۽ جيلون ويران هونديون آهن: پير مجيب الحق ۽ ٻين جو خطاب

دادو (رپورٽر: عزيزالله خاصخيلي) جيم خانہ دادو ۾ 8 آل سنڌ بيڊمنٽن ٽورنامينٽ جو فائنل مهراڻ بيڊمنٽن ڪلب مورو کٽي ٽرافي ۽ ٻيا انعام پنهنجي نالي ڪري ڇڏيا. ٽورنامينٽ ۾ سڄي سنڌ جي 58 بيڊمنٽن رانڌ جي ٽيمن حصو ورتو. فائنل ڪنيڊرڊ ٽيم ۽ رنر جيم خانہ دادو جي ٽيم جي اعزاز ۾ هڪ پروقار تقريب جيم خانہ ۾ رکي وئي جنهن ۾ بيڊمنٽن رانڌ جي شوقينن ۽ معزز شهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

WINNER
03-03-2024
Hundred Thousand

دادو: ڊي سي فياض حسين راهوجو ۽ ايس ايس پي شبير سيٺار ٽرافي کڻي بيٺل آهن

سکر ملٽري روڊ جي رهواسي داد محمد
پٽ صفدر چوهاڻ پاران نوڪري جي لاءِ
احتجاجي مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ملٽري روڊ جي رهواسي داد محمد پٽ صفدر چوهاڻ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪندي چيو آهي تہ هو ڪيترن ئي سالن کان بيروزگار آهي ۽ محنت مزدوري ڪري پنهنجي خاندان جو گذر بسر ڪري رهيو آهي. هن مهانگائي جي دور ۾ هو گهر جو خرچ بہ پورو نہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ غريب ۽ ننڍن آبادگارن لاءِ اينڊرِ ڪٽڪ جي امدادي رقم 1 لک 24 هزار روپين جي قسط جاري

ٻوڏ دوران زمينن ۾ فصل تباهہ ٿيڻ سبب متاثر ٿيندڙ زميندارن کي تباهہ ٿيندڙ فصلن عيوض رقم جاري ٿي

سروي دوران سڃاڻپ ڪارڊن ۾ نمبر غلط لکڻ سبب رقم اڃان تائين متاثرين آبادگارن ۽ هارين کي ملي نہ سگهي

ڪاتي جي ويڙهل عملدارن پنهنجي ويجهن دوستن رشتيدارن جا نالا سروي ۾ ڏنا آهن ۽ جن هارين وٽ هڪ ايڪڙ زمين آهي

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ غريب ۽ ننڍن آبادگارن لاءِ اينڊرِ ڪٽڪ جي امدادي رقم 1 لک 24 هزار روپين جي قسط جاري ٿيڻ باوجود ڪين رقم نہ ملي سگهي سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ دوران زمينن ۾ فصل تباهہ ٿيڻ سبب متاثر ٿيندڙ زميندارن کي سنڌن تباهہ ٿيندڙ فصلن عيوض اها رقم جاري ڪئي وئي آهي تہ جيئن هو ٻج پاڻ وٺي زمينون آباد ڪري سگهن پر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گلاب لغاري پرسان ڳوٺ اميربخش لغاري ۾ ”ڪلام نانگا نات نچائي ويا“ جي مهورتي تقريب

فقير لغاري جي ٻئين عرس مبارڪ ۽ سنڌن "ڪلام نانگا نات نچائي ويا" جي مهورتي تقريب ٿي گذري

سيڪريٽري فقير رشيد علي لغاري، درگاهہ صوفي محمد فقير کتياڻ جي گادي نشين احمد خان ۽ ٻين پاران شرڪت

نماڻو نهال فقير رامچند، اسباط علي، فقير ناٿن ۽ ٻين صوفياڻا ڪلام ڳائي تقريب ويٺل سوين ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو

گلاب لغاري (رپورٽر: گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان ڳوٺ اميربخش لغاري ۾ مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ صوفي عيسيٰ فقير لغاري جي ٻئين عرس مبارڪ ۽ سنڌن "ڪلام نانگا نات نچائي ويا" جي مهورتي تقريب ٿي گذري. تقريب جي شروعات صوفي عيسيٰ فقير لغاري يادگار ڪميٽي جي چيئرمين فقير محمد اسلم لغاري، سيڪريٽري فقير رشيد علي لغاري، درگاهہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گلاب لغاري: ڳوٺ اميربخش لغاري ۾ ڪوٺايل صوفياڻي محفل جو ڏيک

بدين جي ڊي سي پاران پي پي ايڇ
آئي جي نگراني ۾ هلندڙ ڊسپينسري
سيراڻي جو اوچتو دورو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو پي پي ايڇ آئي جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ ڊسپينسري سيراڻي جو اوچتو دورو ڪيو ان موقعي تي موجود ڊسپينسري انچارج ڊاڪٽر مهتاب منڌرو ڊپٽي ڪمشنر بدين کي تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ پي پي ايڇ آئي ضلعي بدين ۾ شهر توڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

رمضان المبارڪ دوران بچت بازارون قائم ڪري رليف فراهم ڪيو وڃي: فياض احمد عباسي

ڀلاري مهيني ۾ منافعي خورن ۽ وڌيڪ اگهہ وصول ڪندڙن سان ڪنهن بہ قسم جي رعايت نہ ٿيندي

هيلمٽ جي استعمال کي يقيني بڻايو وڃي ان لاءِ بغير هيلميٽ ڪافي انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن

گئس آفيسرن کي گيس جي لوڊشيڊنگ هرگز نہ ڪرڻ گيس جو پريشر بهتر رکڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ڊويزنل ڪمشنر سکر فياض احمد عباسي چيو آهي تہ رمضان المبارڪ دوران پوري ڊويزن ۾ بچت بازارون قائم ڪري رليف فراهم ڪيو وڃي ۽ عام واهپي جي شين جي اگهن جو روزانہ جي بنياد تي جائزو ورتو وڃي هن ڀلاري مهيني ۾ منافعي خورن ۽ وڌيڪ اگهہ وصول ڪندڙن سان ڪنهن بہ قسم جي رعايت نہ ڪئي ويندي. اهڙن خيالن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

مانجهند ٽائون ملازمن جو ٻن مهينن کان پگهارون نہ ملڻ ۽ مبينا ڪرپشن خلاف انوکو احتجاج

ڪرپشن خلاف رڍن آڏو بينون وڄائي 9 ڏينهن بہ انوکو احتجاج ڪندي علامتي بک هڙتال جاري رکي

مبينا ڪرپشن خلاف 9 ڏينهن بہ ملازمن معصوم ٻارڙن سان گڏ رڍن آڏو بينو وڄائي انوکو احتجاج ڪيو ويو

ٽائون چيئرمين ۽ آفيس سپريٽنڊنٽ مبينا ڪرپشن ڪندي 48 لک ڦٻائي رهيا آهن، ملازمن جو آواز ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن

مانجهند (رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) مانجهند ٽائون ملازمن جو ٻن مهينن کان پگهارون نہ ملڻ ۽ مبينا ڪرپشن خلاف رڍن آڏو بينون وڄائي 9 ڏينهن بہ انوکو احتجاج ڪندي علامتي بک هڙتال جاري رکي معصوم ٻارڙن جي پڻ شرڪت تفصيل موجب مانجهند ۾ ٽائون ڪميٽي جي ملازمن جو ٻن مهينن کان پگهارون بند هئڻ ۽ بجيٽ ۾ مبينا ڪرپشن خلاف 9 ڏينهن بہ ملازمن معصوم ٻارڙن سان گڏ رڍن آڏو بينو وڄائي انوکو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ملازمن محمد يوسف عمراڻي پنهل خاصخيلي شاهہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

مانجهند: ٽائون ملازم پگهارون نہ ملڻ خلاف انوکو احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ سانگي ٿاڻي جي حد ۾
عبدالقيوم ڪلهوڙو کان هٿيار بند
ڦر ڪري فرار ٿي ويا

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ڳوٺاڻي کان ڦر خبر موجب سانگي ٿاڻي جي حد ۾ عبدالقيوم ولد عبدالقوي ڪلهوڙو کي نامعلوم هٿيارٻندن يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل، روڪ رقم، موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

حيدرآباد جي عدالت پاران هيرو ٽاور جي ملڪيت وڪرو ڪرڻ خلاف درخواست تي اسٽي آرڊر

ايڇ ڊي بلڊرز هيرو ٽاور جي ملڪيت وڪرو ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو

عدالت سرڪاري لاڳاپيل ادارن سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۽ پرائيويٽ مالڪن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

ايڇ ڊي ڊولپرز ۽ بلڊرز مٿي ڄاڻايل جوابدارن 18 بلين کان وڌيڪ رقم جي هيرو ٽاور جي خريد فروخت ۾ ٺڳي ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) حيدرآباد جي عدالت 18 بلين کان وڌيڪ فراڊ واري ڪيس ايڇ ڊي بلڊرز هيرو ٽاور جي ملڪيت وڪرو ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي اسٽي آرڊر جاري ڪري ڇڏيو. 2017 ع ۾ دڪانن جي بڪنگ بهاني رقم ٺڳي دڪان نہ ڏنا ويا، سول جج ايڇ ڊي بلڊرز ۽ هيرو ٽاورز جي مالڪن جي خلاف اسٽي آرڊر جاري ڪندي حڪم ڏنو آهي تہ لاڳاپيل ملڪيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

عوام کي رليف ڏيڻ ضلعي انتظاميہ جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي: ڊي سي ٽنڊو محمد خان

ضابطہ اخلاق خلاف ورزي ڪندڙ دڪاندارن خلاف رمضان آرڊيننس تحت ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

بازارون ۽ ڊسڪائونٽ ڏي پڻ رکيا وڃن تہ جيئن غريب ماڻهوان جو ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن: ڏرمون پاواني

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو غلام سرور پنيرو، اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان نعيم احمد سومرو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: اير علي بروهي) رمضان المبارڪ جو مهينو رحمتن ۽ برڪتن وارو مهينو هوندو آهي. جيڪو اسان کي غريب مسڪين ۽ ضرورتمندن جي خدمت جو درس ڏئي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏرمون پاواني پرائيس ڪنٽرول ۽ احترام رمضان آرڊيننس بابت ڊي سي ڪامپليڪس جي ڪميٽي هال ۾ ڪوٺايل اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان: ڊي سي ڏرمون پاواني اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

رمضان المبارڪ دوران ڪنهن کي بہ
هوٽل کولڻ جي اجازت نہ هوندي: ڊي
سي گهوٽڪي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) رمضان المبارڪ دوران ڪنهن کي بہ هوٽل کولڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي، رمضان المبارڪ جو احترام اسان سڀني جو فرض آهي، مصنوعي مهانگائي ڪندڙ هوٽلن خلاف ڪارروائي جو فيصلو تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان جي صدارت هيٺ سنڌس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهوٽڪي مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاجي مظاهرو

صحافين، مغوين جي وارثن سميت شهرين جو ايس ايس پي آفيس آڏو ٻي ڏينهن بہ احتجاج جاري

پوليس انتظاميہ مغوين کي بازياب ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي: مظاهرين جو الزام

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو، گهوٽڪي مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سياسي سماجي تنظيمن، صحافين، مغوين جي وارثن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر جي آرائين ڳوٺ لڳ علي واهڻ مان مبينہ اغوا ٿي ويل نياڻي بازياب نہ ٿي، احتجاجي مظاهرو

ثمرين ڪبرا جي ڀيڻ وحيده شيخ ڀيڻ ثمرين ڪبرا جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ مظاهرو ڪيو

سکر پوليس ثمرين ڪبرا کي بازياب ڪرائڻ ۽ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي: وارث

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي آرائين ڳوٺ لڳ علي واهڻ مان مبينہ اغوا ٿي ويل نياڻي ثمرين ڪبرا بازياب نہ ٿي سگهي مغوي جي ڀيڻ وحيده شيخ ڀيڻ ثمرين ڪبرا جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري، لاءِ ميڊيا آڏو داهيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪنڌڪوٽ دراني مهر ٿاڻي جي حد ۾ پوليس پاران ڪامياب آپريشن، 4 مغوي بازياب

پوليس جي ڪامياب ڪاروائي چار ڏينهن اڳ اغوا ٿيل بگٽي قبيلي جا مغوي بازياب ٿي ويا

ڪچي ۾ موجود ڌاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ شديد فائرنگ کان پوءِ ڌاڙيل مغوين کي ڇڏي فرار ٿي ويا

غوثپور/ ڪنڌڪوٽ (نمائندن وٽان) ڪنڌڪوٽ دراني مهر ٿاڻي جي حد ۾ پوليس پاران ڪامياب آپريشن چار مغوي بازياب. پوليس جي ڪامياب ڪاروائي چار ڏينهن اڳ اغوا ٿيل بگٽي قبيلي جا مغوي بازياب ٿي ويا. دراني مهر ٿاڻي جي حد اندر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڌڪوٽ: پوليس پاران بازياب ڪرايل 4 مغوي بيٺل آهن

ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ نواب خان لاشاري ۾ چلهہ مان چڻنگ اٿڻ سبب 3 گهر سڙي ويا

ٽن پورهيتن شهمير لاشاري بشير لاشاري ۽ الطاف لاشاري جي 3 گهرن کي باهہ وڪوڙي وئي

مڪمل گهر سڙڻ بعد مسڪين متاثر پورهيت کلي آسمان هيٺ بي يار و مددگار ويٺل آهن: شهري

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ نواب خان لاشاري ۾ چلہ مان چڻنگ اٿڻ سبب ٽن پورهيتن شهمير لاشاري بشير لاشاري ۽ الطاف لاشاري جي 3 گهرن کي باهہ وڪوڙي وئي جنهن سبب پورهيتن جي گهرن ۾ پيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نيشنل هاءِ وي اٿارٽي پاران وفاقي محتسب عملدار جي حڪم بعد شڪايت جو ازالو

وفاقي محتسب آفيس جي سربراهہ سيد محمود علي شاهہ جي مداخلت کانپوءِ مسئلو حل ٿيو

نيشنل هاءِ وي اختيارين طرفان ٽرڪن تي مٽي ۽ ريتي کڻڻ وقت کي بہ احتياط نہ ڪيا ويا موقف

شڪارپور/ سکر (نمائندن وٽان) نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (اين ايڇ اي) احتساب ۽ عوام جي خدمت لاءِ عزم جو هڪ شاندار مظاهرو ڪندي سکر ۾ وفاقي محتسب جي ريجنل آفيس جي سربراهہ سيد محمود علي شاهہ جي مداخلت کانپوءِ شڪايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز فرسٽ ايڊيشنل سيشن ۽ ماڊل ڪرمنل ٽرائل جج پاران 4 جوابدارن کي موت جي سزا

جوابدارن ساماڻو بگٽي، سومر، درياخان ۽ بخش علي بگٽي کي خون ڪرڻ جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي سزا ٿي

سزا ٻڌايل جوابدارن 2019 ۾ وحيد علي بگٽي، حاجي خادم، حسين علي ۽ جمن بگٽي کي قتل ڪيو هيو

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) فرسٽ ايڊيشنل سيشن ۽ ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج نزاڪت علي ٽانوري جي عدالت پاران چئن جوابدارن ساماڻو بگٽي، سومر، درياخان ۽ بخش علي بگٽي کي خون ڪرڻ جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جڏهن تہ هڪ ٻئي ڪيس 24 ورن ۾ پنج پنج سال ۽ 10. 10 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: عدالت پاران سزا ٻڌايل جوابدار لاڪپ ۾ بيٺل آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ ايس ايس پي جي هدايتن تي پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروايون

هڪ عدد بندوق تي ڪارتوس 12 عدد وسڪي جون بوتلون، هڪ موٽر سائيڪل ۽ تيار مين پڙيون برآمد

ايس ايڇ او ملاڪاتيار انسپيڪٽر گلزار علي لغاري ٽيم سان گڏجي امجد عرف امجو ٻڙدي کي گرفتار ڪيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: اير علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ايس ايس پي سيد سليم شاهہ جي هدايت تي منشيات فروشن ۽ ڌوهارين خلاف ڪاروايون ٽنڊو محمد خان پوليس پاران پنج جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعوا گرفتار جوابدار کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر جي سائيٽ ايريا جي رهواسي چاچڙ برادري سان تعلق رکندڙن پاران احتجاجي مظاهرو

مسمات صفدر، خان محمد، پناهہ، بختاور ۽ ٻين پاران مبينا يرغمال ٿيل جي بازيابي لاءِ مظاهرو

اسان جي 50 ورهين جي مسمات گلزادي پنهنجي پائٽي سان گڏ پنو عاقل شاديءَ لاءِ وئي هئي: وارث

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سائيٽ ايريا جي رهواسي چاچڙ برادري سان تعلق رکندڙ مسمات صفدر، خان محمد، پناهہ، بختاور ۽ ٻين پاران مبينا يرغمال ٿيل جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو تہ ڪجهہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر ۾ 2 هفتا اڳ هٿيار بندن هٿان قتل ٿي ويل ميونسپل ملازم جا جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ احتجاج

ڳوٺ ساپا جي رهواسي عورتن، مردن ۽ ٻارڙن پاران سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

جاويد عباسي، قمرالدين، سجاد عباسي، امام زادي، شڪيلان جميلان عباسي ۽ ٻين پاران نوٽيس جي گهر

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ بہ هفتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

احتجاج
شهيد صدرالدين عباسي
جي بيگناهہ خون سان انصاف ڪريو
قاتلن کي گرفتار ڪريو

سکر: مقتول صدرالدين عباسي جا وارث انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر جي آباد ٿاڻي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿيار بندن جي فائرنگ، نوجوان زخمي

آباد ٿاڻي جي حد آءِ بي اي يونيورسٽي 100 فوٽ روڊ تي آباد وٽ هٿيار بندن فائرنگ ڪئي

نوجوان محمد اسلم ولد صمد خان پناهڻ کي اڻڄاتل هٿيار بندن فائرنگ ڪري زخمي ڪري فرار ٿي ويا

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي آباد ٿاڻي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿيار بندن جي فائرنگ، نوجوان زخمي، علاج لاءِ اسپتال منتقل. تفصيل موجب آباد ٿاڻي جي حد آءِ بي اي يونيورسٽي 100 فوٽ روڊ تي آباد نامعلوم موٽرسائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب رجسٽرڊ نوشهروفيروز نئين سال 2024 جي چونڊ

چونڊ اير ظفر تگڙ امتياز علي سومرو جي صدارت هيٺ ٿي گذري، عهديدار چونڊيا ويا

عتيق الرحمان وسطڙو نائب صدر 2 شاهد حسين ڪوڪر جنرل سيڪريٽري ضمير حسين چونڊيا ويا

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب رجسٽرڊ نوشهروفيروز نئين سال 2024 جي چونڊ اير ظفر تگڙ امتياز علي سومرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

جسٽس رٽائرڊ رشيد اي رضوي اعليٰ درجي جو جج ۽ وڪيل هو: عبدالستار لهراڻي

رشيد اي رضوي انصاف، آئين ۽ عدليہ جي بالادستي لاءِ پهرين صف جو ڪردار ادا ڪيو

رضوي غريب ماڻهن ۽ انساني حقن ۽ ميڊيا جي آزادي لاءِ مفت ۾ ڪيس جي پيروي ڪندو هو

صحافين جي تحفظ لاءِ ڪميشن جو پهريون چيئرمين ٿيو تہ هن پاڻمرادو نوٽيس ورتو: اياز مري

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) جسٽس رٽائرڊ رشيد اي رضوي اعليٰ درجي جو جج ۽ وڪيل هو سنڌس قيمتي خدمتون ايندڙ وقتن ۾ ياد رکيون وينديون. اهڙن خيالن جو اظهار انهن سول سوسائٽي ۽ ضلع بار پاران ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو مقررين چيو تہ رشيد رضوي انتهائي مثالي فيصلا ڏنا جيڪي اڄ بہ حوالي طور استعمال ڪيا وڃن ٿا. هن انصاف، آئين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: جسٽس (ر) رشيد اي رضوي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ وڪيل اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

ايس ايس پي بدين جي سخت
هدايتن تي منشيات فروشن
خلاف ڪارروايون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ منشيات جو وڪرو عام ٿيڻ تي ايس ايس پي بدين مير روحيل کوسو جي سخت هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڊي ايس پي بدين طارق لطيف خانزادا ۽ ايس ايڇ او بدين محمد علي کوکر سميت بدين ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي نفري طلب ڪري والا چوڪ ٻائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شڪارپور ۾ احترام رمضان بابت ڊي سي جي صدارت ۾ گڏجاڻي، ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهہ مقرر

گڏجاڻيءَ جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ڪئي، مختلف کاتن جا عملدار شريڪ ٿيا

گهٽ آمدني رکندڙ ماڻهو قيمتون وڌي وڃڻ سبب پريشان ٿي وڃن ٿا ۽ رمضان جون برڪتون نٿا حاصل ڪري سگهن

باسمتي ڪرنل چانور 240 روپيہ، رائيس باسمتي ڏارو 150 روپيہ، ڳائو گوشت 750 روپيہ اگهہ مقرر ڪيو ويو آهي: ڊي سي

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) احترام رمضان بابت گڏجاڻي، روزمره جي ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهہ مقرر، ذخيره اندوزي ۽ وڌيڪ قيمتون وٺندڙن جي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي. ڊي سي شڪارپور تفصيل موجب: ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ احترام رمضان بابت گڏجاڻي ٿي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ڪئي. گڏجاڻيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ابراهيم حيدري جي مهاڻن سان ڀريل هوڙو ڪيٽي بندر لڳ حجامڙو ڪريڪ ۾ اونڌو

هوڙو ڪيٽي بندر لڳ حجامڙو ڪريڪ ۾ تيز هوائن سبب ٻڏي ويو، 45 ڄڻن کي بچايو ويو

مهاڻا هڪ رات اڳ ال اسد هوڙي ۽ سوار ٿي مڇي جي شڪار لاءِ کليل سمنڊ ۾ روانا ٿيا هئا

حميد، علي حسن، دين محمد، رياض، شهر، نديم، ابو، عبدالستار، بشير، سلطان ناڪو، حسين شامل

ملير/ ٺٽو (نمائندن وٽان) ابراهيم حيدري جي مهاڻن سان ڀريل هوڙو ڪيٽي بندر لڳ حجامڙو ڪريڪ ۾ تيز هوائن سبب ٻڏي ويو. مقامي مهاڻن بروقت پهچي 45 کان وڌيڪ مهاڻن کي بچائي ورتو اطلاع تي ڪيٽي بندر ۽ ابراهيم حيدري مان ڪيترائي مهاڻا مدد لاءِ هوڙا ڪڍي پهچي ويا. بر وقت امدادي ڪارروائي سبب مهاڻن کي سمنڊ ۾ ٻڏندي بچايو ويو. ابراهيم حيدري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ملير: هوڙو اونڌو ٿيڻ بعد ريسڪيو دوران ڪڍيل وڏي انگ ۾ مهاڻن جو ڏيک

تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر خانڳڙهہ
جو تعلقي جي مختلف اسڪولن
جي اوچتو وزٽ

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر خانڳڙهہ جو تعلقي جي مختلف اسڪولن جي اوچتو وزٽ، غير حاضر استادن کي غير حاضري جو سبب ٻڌائڻ نوٽس جاري ڪري ڇڏيا تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر خانڳڙهہ استاد الهڏيرايو منگي تعلقي خانڳڙهہ جي مختلف اسڪولن جو اوچتو وزٽ ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ناروشاهہ ۾ ڳوٺ پانهون خان ڪولاچي واسي عورت پاران بااثرن جي ڏاڍ خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

اصغر ڪولاچي سراج ڪولاچي زرعي زمين تي قبضو ڪري گهرن مٿان حملا ڪري ظلم ڪري رهيا آهن: مظاهرين

ناروشاهہ پوليس وٽ ويس پر پوليس بااثرن جي ونگار وهندي ڪيس داخل نہ ڪيو، منهنجا ٻچڙا اسڪول نٿا وڃي سگهن

عورت بنا جواز ڪوڙا الزام مڙهي رهي آهي زمين اسانجي آهي جنهنجا ڪاغذ پڻ اسان وٽ آهن: الزام هيٺ آيل ڌر جون ڳالهيون

ناروشاهہ (رپورٽر) پرسان ڳوٺ پانهون خان ڪولاچي واسي عورت مسمات پاڳو ڪولاچي ڳوٺ جي بااثرن جي ڏاڍ خلاف پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب پهچي وئي ڳوٺ جا بااثر اصغر ڪولاچي سراج ڪولاچي زرعي زمين تي قبضو ڪري گهرن مٿان حملا ڪري ظلم ڪري رهيا آهن ناروشاهہ پوليس بہ بااثرن جي ونگار وهي رهي آهي انصاف ڪيو وڃي - ناروشاهہ پرسان ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

پپري جي علي محمد ڳوٺ جا گٽر اٿلي پيا، گهٽيون گندي پاڻيءَ سان ڀريل، گندو پاڻي گهرن ۾ ڪاهي پيو

اسڪول اڳيان اليڪشن گذرندي ئي وري گندگي جا ڍير، رهواسي احتجاج ڪندا قومي شاهراهہ تي نڪري آيا

گهرن ۾ ڪاهي پيو آهي ۽ ننڍڙن جي اسڪول اڳيان اليڪشن گذرندي ئي وري گندگي جا ڍير لڳي ويا: رهواسي

قومي ۽ صوبائي نمائنده تماشو ڏسڻ ۾ پورا، صفائي نہ ڪرائي وئي تہ قومي شاهراهہ تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪنداسين

ملير (رپورٽر) پپري جي علي محمد ڳوٺ جا گٽر اٿلي پيا، گهٽيون گندي پاڻيءَ سان ڀريل، گندو پاڻي گهرن ۾ ڪاهي پيو ننڍڙن جي اسڪول اڳيان اليڪشن گذرندي ئي وري گندگي جا ڍير، رهواسي احتجاج ڪندا قومي شاهراهہ تي نڪري آيا، احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو، مڪاني، قومي ۽ صوبائي نمائنده تماشو ڏسڻ ۾ پورا، صفائي نہ ڪرائي وئي تہ قومي شاهراهہ تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪنداسين. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ملير: علي محمد ڳوٺ واسي گٽرن جي آزار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپورماٿيلو جي سينئر صحافي
هادي بخش جلباڻي جي گهر مان
ٿيل چوري واپس نہ ٿي سگهي

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: ميرپورماٿيلو جي سينئر صحافي هادي بخش جلباڻي جي گهر مان هڪ مهينو اڳ مان ٿيل چوري واپس نہ ٿي سگهي، ميرپور ماٿيلو ۾ پاڪستان ميڊيا ڪونسل ضلع گهوٽڪي جي سڏ تي ايس ايس پي آفيس جي اڳيان صحافين پاران احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو پوليس انتظاميہ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ملير ۾ پوليس جون مختلف علائقن ۾ ڪارروايون، سوپاري اسمگل ڪندڙ 2 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن وٽان پستول، موٽر سائيڪل، سوپارين جا 25 ٻورا ۽ سوزوڪي هٿ ڪئي وئي

موٽر سائيڪل سوار ٻن همراهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوليس مٿان فائرنگ ڪري ڏني

جوابدارن علي بخش ۽ گل خان جي قبضي مان سوپارين جا 25 ٻورا جن جو وزن 325 ڪلو آهي: عملدار

ملير (رپورٽر) ملير ۾ پوليس جون مختلف علائقن ۾ ڪارروايون، جمع ڳوٺ ويجهو سڪڻ ٿاڻي جي حد مان مبينا مقابلي بعد هڪ جوابدار گرفتار، گڏاپ سٽي پوليس سوپاري اسمگل ڪندڙ بہ جوابدار گرفتار ڪري ورتا. گرفتار جوابدارن وٽان پستول، موٽر سائيڪل، سوپارين جا 25 ٻورا ۽ سوزوڪي هٿ تفصيل موجب ملير ۾ پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪري ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

رمضان المبارڪ دوران ڪنهن کي بہ هوٽل کولڻ جي اجازت نہ هوندي: ڊي سي گهوٽڪي

اسپتالن اندر ۽ ريلوي اسٽيشن تي موجود هوٽلن يا ڪينٽين مٿان پابندي لاڳو نہ هوندي

هٿرادو مهانگائي ڪندڙ منافعي خورن خلاف سخت ڪارروايون ڪيون وينديون: آغا شير زمان

اي سيز ۽ مختيارڪار تعلقي جي بازارن ۽ سبزي منڊين جا دورا ڪري صورتحال جو جائزو وٺن

گهوٽڪي (رپورٽر) رمضان المبارڪ دوران ڪنهن کي بہ هوٽل کولڻ جي اجازت نہ هوندي، رمضان جو احترام ڪرڻ سڀني مٿان فرض آهي، هٿرادو مهانگائي ڪندڙ منافعي خورن خلاف ڪارروائين جو فيصلو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ احترام رمضان جي سلسلي ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن، مختيارڪارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهوٽڪي: ڊي سي آغا شير زمان اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪمشنر سکر ڊويزن جي صدارت
هيٺ سوشل ويلفيئر کاتي جي
آفيسرن جي گڏجاڻي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن جي صدارت هيٺ سوشل ويلفيئر کاتي جي آفيسرن جي گڏجاڻي دارالاطفال کي مضبوط ڪرڻ، ٽرانسجينڊر جي ادارن کي اپ گريڊ ڪرڻ ۽ بزرگ شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ جو فيصلو سکر. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي سوشل ويلفيئر جي آفيسرن کي هدايتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92. دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 06 مارچ 2024ع

وڻ وڍرائي ’وڻڪاري مهم‘ جو ڪيل افتتاح

وڻ ماحول جا محافظ ۽ هن گرهہ جا ڦڦڙ تصور ڪيا ويندا آهن. ماحولياتي گدلاڻ کي گهٽائڻ ۽ ماحول جي تباهي کي روڪڻ جي لاءِ دنيا جي ملڪن ۾ گهڻو ڌيان وڻ پوکڻ ۽ ٻيلا لڳرائڻ تي ڏنو ويندو آهي پر اسان جي ملڪ ۾ وڻ پوکڻ جي بدران وڻ وڍرائڻ جو مجرمانو عمل ٿيندو رهي ٿو. توڙي جو سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ بهار جي مند شروع ٿيندي ئي سرڪاري سطح تي وڻڪاري مهم شروع ڪئي ويندي آهي. سرڪاري شخصيتون ۽ حڪومتي اهلڪار ٻوٽا پوکي ان مهم جو افتتاح ڪندا آهن پر ان جي باوجود هن ملڪ، خاص طور تي سنڌ مان وڻ ختم ٿيندا وڃن. جنهن جو سبب وڻ پوکڻ بدران وڻ وڍرائڻ جي رفتار تيز آهي. اهڙيون ئي خبرون ڪجھ ڏينهن کان مادر علمي سنڌ يونيورسٽي مان پڻ اچي رهيون آهن ۽ سوشل ميڊيا تي پڻ مقتول وڻن جون تصويرون شيئر ڪيون پيون وڃن. سنڌ يونيورسٽي انتظاميا بهار جي مند شروع ٿيندي ئي وڻ وڍرائي ’وڻڪاري مهم‘ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي ۽ خبرن موجب ٻن هفتن دوران 100 جي لڳ ڀڳ وڻ وڍرايا ويا آهن. جن مان 30 کان 35 اهڙا وڻ آهن. جن کي پاڙان ئي وڍيو ويو آهي. وڻن سان اهو سڄو قهر ’چانگ‘ جي نالي ۾ ڪيو پيو وڃي.

وڻ وڍرائڻ دراصل وڻن جو قتل آهي، جيڪو عمل ماحول ۽ فطرت دشمني آهي. وڻ هن گرهہ جي نہ صرف سونهن آهن پر اهي ماحول جي تحفظ جو بہ سگهارو ذريعو آهن. وڻ ماحولياتي گدلاڻ گهٽائين ٿا. توڙي جو سنڌ يونيورسٽي انتظاميا پلي اهو عمل وڻن جي ’چانگ‘ جي نالي ۾ ڪندي هجي پر چانگ جو مطلب ڇا آهي. اها سنڌ يونيورسٽي جي اڪابرن کي ضرور خبر هوندي. چانگ جو مطلب وڻن جي اجاين وڌيل حصن کي اهڙي نموني سان وڍيو ويندو آهي تہ جيئن وري وڻن ۾ ڦوٽهڙو ٿئي. وڻ پکين جو مسڪن ۽ رهڻ جون جايون آهن. وڻ وڍي پکين کي فطري مسڪن ۽ تحفظ کان محروم ڪرڻ واري عمل کي ڪنهن بہ ريت ساراهي نٿو سگهجي. هڪ وڻ وڍڻ جو مطلب آهي هڪ وڻ جو قتل ۽ هڪ وڻ جو قتل جو مطلب آهي هزارين پکين کان تحفظ ۽ اجهو کسڻ ۽ سندن نسل ختم ڪرڻ ۾ حصو ملائڻ. انسان کي ڇانوَ ۽ سڪون کان محروم ڪرڻ. وڻن جي چانگ جي نالي ۾ وڻ وڍڻ جون خبرون لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز مان پڻ آيون آهن. وڻن جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ اهوئي فطرت دشمني وارو رويو غالب نظر ايندو. هاڻي شهر تہ شهر، ٻهراڙين مان بہ وڻ ختم ٿيندا وڃن. واهن ۽ شاخن جي ڪنارن تي جيڪي وڻ هئا، اهي بہ آبپاشي عملدارن ۽ پوليس جي ملي ڀڳت سان وڍجي رهيا آهن. ساڳي حالت سنڌ جي ٻيلن جي آهي. ٻيلا وڍجي رهيا آهن. ٻيلن جي زمينن تي قبضا ڪري انهن کي زرعي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. زميندار پنهنجي زمينن تي لازمي طور تي هڙيون پوکڻ واري پابندي تي عمل نہ پيا ڪن. اڳي درياهہ ۾ اٿل ايندي هئي، ڪچو ٻڏندو هو تہ حڪومت هڙيون پوکڻ لاءِ جهازن وسيلي ان ايراضيءَ ۾ ڇيڇڪا ڇٽرائيندي هئي، پر هاڻي اهو سڀ ڪجھ ماضيءَ جو قصو بڻجي چڪو آهي.

توڙي جو سنڌ ۾ ماحول جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ڪيترائي سرڪاري ادارا موجود آهن. ماحوليات جي وزارت پڻ قائم ڪيل آهي پر اهي عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي چٽي ڀٽيل آهن. سيپا جو ادارو تہ نظرئي نہ ايندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ماحولياتي تحفظ ڪيئن ممڪن ٿي سگهندو؟ سنڌ يونيورسٽي انتظاميا طرفان اسان چانگ جي نالي ۾ ٿيندڙ وڻن جي واڍي تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اها گهر ڪريون ٿا تہ وڻن جو قتل فوري طور تي بند ڪرايو وڃي ۽ اعليٰ سطحي اڻ ڌري جاچ ڪرائي ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي.

تخليقي قوت. غلط فهميون ۽ حقيقت

طفيل مگسي

دنيا ۾ ڪروڙين نہ بلڪ اربين انسان عام قسم جي زندگي گهاريندا رهن ٿا تہ جن منجهان اڪثريت کي اهو اندازو ئي نہ هوندو آهي تہ قدرت انهن کي ڪا نہ ڪا خاص قوت ڏني آهي. مگر انهيءَ قوت کي اهي استعمال ڪرڻ ۾ انهيءَ لاءِ ناڪام رهن ٿا تہ ڪيترين ئي غلط فهمين انهن جي ذهنن کي پنهنجي جار ۾ ڦاسائي ڇڏين ٿيون ۽ اها حقيقت بہ عالم آشڪار آهي تہ جڏهن ذهنن ۾ غلط فهميون گهر ڪري ويهي رهن تہ عمل جي رستي ۾ چين جي پٽ جهڙيون ڊگهيون پٽيون اڀيون ٿي وڃن ٿيون.

ڊيوڊ برڪس پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙين ڏهن غلط فهمين کي بيان ڪيو آهي. جيڪي تخليقي صورت ۾ پٽيون ٻڌجي ڪري رهجي وڃن ٿيون.

پهرين غلط فهمي —

جيڪڏهن اوهان درست جاءِ يا درست وقت تي هجو تہ حالتون ڪجھ اهڙيون شڪليون اختيار ڪنديون تہ اوهان جي صلاحيت پاڻهي پاڻ ظاهر ٿي ويندي ۽ اوهان سنجهي بہ نہ سگهندو تہ اٿين ڪيئن ٿي ويو.

حقيقت ۾ تخليقي قوت رکڻ وارا سمورا فرد ڪجھ خاص مرحلن کان گذرن ٿا. انهن جي ذهنن ۾ جيڪڏهن ڪو خيال جنم وٺي ٿو تہ ان کي ڪامل بڻائين ٿا. تدبر ڪن ٿا ۽ پوءِ جيڪي ڪجھ سوچين ٿا ان جي عمل جي مرحلي کان گذرن ٿا. تخليقي قوت محض تحفو ناهي بلڪ غير معمولي مصروفيت ۽ مشقت جو نتيجو آهي.

ٻين غلط فهمي.

_تخليقي صلاحيت پيدائشي هوندي آهي. انسان تخليقي صلاحيت جي لائق هوندو آهي يا ناهي هوندو يعني تخليق قوت جي وراثت جو نتيجو آهي.

حقيقت ۾ ڪنهن بہ انسان جي شخصيت جي جوڙجڪ ۾ پنج عمل بنيادي يا خاص ڪردار ادا ڪن ٿا. يعني اهڙي ذات ڪان نڪري ڪري شين کي ڏسڻ باضميري يعني هن دنيا کي ڪجھ ڏيڻ جي حوالي کان پنهنجي ذميواري محسوس ڪرڻ. ٻين سان غيرمعمولي هڪجهڙائپ پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي قبول ڪرڻ. دل ودماغ جي ٻاهرين سوچ يعني پنهنجي ذات کان هٽي ڪري جيڪي ڪجھ بہ آهي ان کي قبول ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ان جي مطابق پوئڻ جي لاءِ تيار رهڻ ۽ ڪنهن قدر عضوون جي شدت يا اٿبراري کي برداشت ڪن ٿا.

شخصيت جي جوڙجڪ ۽ تخليقي قوت کي سگهہ ڏيڻ وارن ۾ همت ئي صرف اهڙي وصف آهي. جيڪا وجود جي باطنيت کان هٽي ڪري آهي يعني ٻاهرجو مامرو آهي. ماهر ٻڌائين ٿا تہ بيباڪي کان ڪنهن حد تائين سکي سگهجي ٿو ان کي ڪشادگي ڏئي سگهجي ٿي. بهرحال تخليقي قوت جو وراثت سان ڪو تعلق ناهي بلڪ اها وصف انسان ذهن جي سگهہ ۽ محبت کان سکي ٿو.

ٽين غلط فهمي.

هرعظيم خيالڪنهن جي منفرد تخليق آهي. حقيقت ۾ ڪو بہ وڏو خيال ڪنهن هڪ فرد جي ذهن ۾ نئون ٽڪي بلڪ سڄي دنيا ۾ ماڻهو سوچي رهيا هوندا آهن ۽ سوچ جي مطابق محنت بہ ڪن ٿا. ڪيترائي ئي عظيم تصور گذريل زماني جي سوچ جو نتيجو بہ قرار ڏئي سگهجن ٿا. ٽيليفون. ريڊيو ڪيلڪيوٽرز. پرسنل ڪمپيوٽر ۽ ٻيون ڪيترين ئي شين جن جو خيال هڪ ئي وقت ڪيترين ئي شخصيتن جي ذهن ۾ اڀريو.

چوٿين غلط فهمي.

ڪنهن بہ شعبي ۾ غيرمعمولي قابليت جي لائق فردن جي ذهنن ۾ نون ۽ منفرد خيالن جي ٽڪڻ جا امڪان وڌيڪ هوندا آهن. دلچسپ ۽ ڪساري حقيقت اها آهي تہ ڪنهن بہ شعبي ۾ قابليت رکڻ وارن جي لاءِ اها مشڪلات ضرور اچي ٿي. جڏهن اهي نئين سوچ جي قابل نٿا رهن. غير معمولي قابليت جي لائق فردن جي سوچ محدود ٿيندي وڃي ٿي ۽ اهي پنهنجي فڪر و عمل جي اعتبار کان سست ۽ تبديلي کان انڪاري ٿيندا وڃن ٿا. ڪنهن بہ شعبي ۾ تمام گهڻ ڄاڻ. گهڻ تجربو يا قابليت رکڻ وارا وڌيڪ کلي ڪري ۽ همت سان گڏ ڪم ڪن ٿا. ڪا نراسائي. گهٻراهٽ. خوف يا مونجھ محسوس نٿا ڪن.

پنجين غلط فهمي.

تخليقي قوت نج انفرادي ڪارڪردگي جو مامرو آهي. جڏهن ڪو ڪنهن منفرد تصوراتي جنوني انداز سان ڪم ڪري ٿو تہ دنيا کي تخليقي قوت جي عملي شڪل ڏسڻ جي لاءِ ملي ٿي. حقيقت اها آهي تہ ٿامسن ايڊسين ۽ مائيڪل نجيلو وٽ وڏيون ٽيمون هيون. جيڪي انهن جي مختلف تصورن تي ڪم ڪنديون هيون. ٻئي عظيم شخصيتون جيڪي ڪم ڪنديون هيونانهن کي عملي ويس اوڍرائڻ جي لاءِ وڏي آنگ ۾ قابليت رکڻ وارين هيون. مائيڪل نجيلو جي فن جا ڪيترائي نمونا ٽيم ورڪ جو نتيجو هئا. ان حوالي کان اسپين چپيل جي ڇت مثال ڏئي سگهجي ٿو ڪيترائي ئي عظيم. تصور مختلف گروهن جي مختلف قسم جي تجربن جي روشني ۾ اپرن ۽ نهن ٿا.

ڇهين غلط فهمي.

هر منفرد خيال کان ڪيفيت جو رستو نڪري ٿو ۽ وڌ کان وڌ منفرد خيال سان ڪاميابي کي سو سيڪڙو يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

حقيقت ۾ برين اسٽارمنگ (ذهن جي پيالي ۾ طوفان کنيون) يعني وڌ کان وڌ خيالن جي باري ۾ سوچڻ سان تخليقي عمل کي سگهہ ملي ٿي. مگر سموري تخليقي عمل جو سهارو برين اسٽارمنگ کي نٿو ڏئي سگهجي.

ستين غلط فهمي.

تخليقي قوت جي ڪارڪردگي جو ڪارڻ سگهہ ۽ تحريڪ جي وسيلي وڌائي سگهجي ٿي.

حقيقت ۾ مطالعي. مشاهدي ۽ تحقيق کان اها ڳالھ ثابت ٿي چڪي آهي تہ غير معمولي خواهش ۽ تحريڪ کان تخليقي صلاحيتون وڌڻ جي بجاءِ گهٽجي وڃن ٿيون.

اٺين غلط فهمي_

عظيم. تصور انهن شين جي تصور کان اچن ٿا. جيڪي مڪمل هڪجهڙائپ سان ڪم ڪري رهيا هجن. گڏ ٿي گڏ اهو بہ شرط آهي تہ انهن سيني کي تنقيد جو نشانو بڻايو وڃي ٿو.

حقيقت ۾ مشاهدي ۽ تحقيق کان اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ هر اعتبار کان منظم برابر ٽيمون مڪمل هڪجهڙائپ سان گڏ ڪم ڪرڻ جي صورت ۾ تخليقي عمل کي وڌ کان وڌ 25 سيڪڙو جي حد تائين بهتر بڻائين ٿيون.

نائين غلط فهمي.

تخليقي قوت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهڙي آزادي گهربل هوندي آهي. جنهن جي رستي ۾ ڪٿي ڪا رڪاوٽ نہ هجي ۽ اهو نہ ڪنهن ريت جي پابندي پڻ حقيقي عمل کي گهٽو ڏئي ڇڏي ٿي.

حقيقت ۾ تخليق کان اندازو ٿيئي ٿو تہ فطري هجي يا هٿرادو. هڪ اڌ پابندين کان تخليقي قوت کي سگهہ ملڻ جو موقعو ملي. ان جو نهايت ئي چٽو مثال 1219ع جو ميوزيڪل اسڪيل آهي. جيڪو موسيقي جي حوالي کان عظيم ترين انقلاب جو دشمن بڻيو

ڏهين غلط فهمي.

ان کي سگهہ بہ ڏياري هجي. دنيا ان ڏانهن نوڙندي . قبول ڪندي ۽ اکين جي پنبڙين تي ويهاريندي.

حقيقت ۾ ڪافي ماڻهن کي ڪنهن بہ خيال. نظريي يا فلسفي ۾ افاديت ڳولڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچن ٿيون . حقيقت ۾ شروعات کان ئي تصورن ۽ خيالن کي رد ڪيو وڃي ٿو

هينئر سوال اهو آهي تہ اوهان کي بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪي رکيو آهي. ڪهڙي غلط فهمي آهي. جيڪا اوهان جي پيرن جي زنجير بڻجي ڪري رهجي وئي آهي. هارورڊ بزنس اسڪول جي پروفيسر ٽريزاامابائل جو چوڻ آهي تہ تخليقي قوت جي صلاحيت تي چار مامرا اثر انداز ٿين ٿا.

* شعبي جي باري ۾ قابليتون
* تخليقيت يا تخليقي عمل جي باري ۾ مرحلا
* لاڳاپيل فرد يا فردن جو معاشرتي ماحول.

انهن چئني مامرن ۾ صرف معاشرتي ماحول جيڪو لاڳاپيل فرد يا فردن جي وجود کان ٻاهر جي شيءِ آهي باقي سڀ ڪجھ انسان جي اندر ئي هوندو آهي.

ڪنهن بہ مامري ۾ تخليقي صلاحيت يا لاڙي جو لائق هئڻ خاص مشڪل ڪم آهي. تخليقي صلاحيت جي لائق هئڻ جو مطلب اهو آهي تہ اوهان کي ٻين کان هٽي ڪري وڌيڪ حقيقت ۽ ڪشادگي سان گڏ ڪم ڪرڻو آهي. جڏهن بہ ڪا تخليقي قوت اڀري ٿي بيشڪ اها. اندر کان ئي مزاحمت جي روپ ۾ اڀري ٿي ۽ اها مزاحمت ان ڪري اڀري ٿي تہ سڀئي پنهنجي پنهنجي ڪمفرٽ زون ۾ زندگي گهاريندا رهن ٿا ۽ معمول کان هٽي ڪري ڪو بہ ڪم ڪرڻ آسان ناهي هوندو. هر انسان جي ڪوشش اهائي هوندي آهي تہ ان جي معمول ۾ ڪجھ خاص فرق واقعي نہ ٿيئي ۽ زندگي ۾ جيترو فرق ڏيک ڏيئي اها خواهش ۽ ڪوشش فطرت جي اصولن جي انڪاريت آهي. جنهن کي رزق پيدا ڪرڻو هجي ان کي لازمي طور تي پنهنجي معمول ۾ تبديلي آڻڻي پوي ٿي ۽ گهڻو ڪجھ ڪرڻو پوي ٿو.

***

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرَا کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون ڦَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ کي.

ڪامريڊ جام ساقي جون سارُٽيون

تحرير :عبدالوهاب منشي

ڪامريڊ جام ساقي جي اڄ ڇهين ورسي ملهائي پئي وڃي، سڄي سنڌ مان ڪامريڊ گڏ ٿيندا، ڪيس خراج پيش ڪندا. پر ڪنهن سوچيو آهي تہ اڄ ڪان پوءِ اسين وري گڏ ٿينداسين؟ جام ساقي جي نظريي تي بيهداسين؟ اسان مان ڪير ڪنڊن جي سيج کي پنهنجي ڳچيءَ جو هار بڻائيندو؟

جواب آهي ڪو بہ نہ؟

جام تہ اڪيلو ”جام“ هئو هو ڏايو سادي ۽ نهٺي مزاج جو ماڻهو هو اسان سنڌس جوانيءَ تہ نہ ڏٺي، پرهن جي باري ۾ ڪافي ڪجھ پڙهيو ۽ ٻڌو آهي. مان پنهنجي والد شهاب الدين منشي سان ڪامريڊ بابت ڳالهائي رهيو هوس. منهنجو خيال هو تہ جيڪڏهن جام ساقي چاهي ها تہ پنهنجي ٻارن لاءِ گهڻو ڪجھ ڪري وڃي ها. والد صاحب جي عجيب مسڪراهٽ. ها جيڪڏهن هو چاهي ها تہ اڌ ڪراچي جو مالڪ بڻجي وڃي ها. پر هو هڪ درويش صفت ڪامريڊ هو جنهن جو مال دولت بدران نظريي ۽ پنهنجي ماڻهن سان عشق هوندو هو

سچ هي آهي تہ هن دور ۾ ڪامريڊ لفظ جو اصل حقدار جام ساقي آهي. مون کي آخري ڏينهن ۾ سائنس ويجهي رهڻ جو شرف حاصل ٿيو هن جي سياست اصولن تي ٻڌل هئي، سنڌس گفتگو جو انداز اهڙو هو جو جيڪڏهن مئس ڪو تلخ تنقيد ڪندو هو تہ هو مرڪي پوندو هو هو وڏيرن جي سياست تي تنقيد ڪندو هو پر مون انهن وڏيرن کي هن سان دوستي ڪرڻ جو خواهشمند ڏٺو هو مختلف مزاج جو مالڪ هو ڪيس بينظير ڀٽو کان ويندي پيرپاڳارو (شاهہ مردان شاهہ) پڻ گهڻي عزت ڏيندا هئا.

جام ساقي ۾ ماڻهن کي ڳنڍڻ جي مهارت هوندي هئي، ڪاش مان 1980ع واري جام ساقي کي ڏسان ها تہ گهڻو لکي سگهان ها. پر 99 جي وقت جي پوڙهي شينهن جيان جام ساقي جي گجگوڙ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو ڪيترو نہ عجيب ماڻهو هو

ڪجھ سال اڳ مان پنهنجي گهر تي ڪچهري لاءِ عبدالله حسين هارون سان ڪجھ دوستن جي دعوت ڪئي، جنهن ۾ جام ساقي، مولانا شاهہ احمد نوراني جو فرزند. شاهہ اويس نوراني، مهتاب اڪبر راشدي، يوسف لغاري، عيسيٰ وساڻ ۽ ٻيا دوست دعوتيل هئا. پر بيمار هجڻ باوجود جام ساقي اتي آيو هو هڪ ڀيري پير صاحب پاڳاري سان ڪچهري ٿي هئي. جنهن ۾ مان پيرصاحب کي ڪيس غور سان ٻڌندي ڏٺو تہ حيران ٿي ويس.

سنڌس ڳالھ ٻولھ ۾ عمرڪوٽ کان وٺي آمريڪا جي تازي صورتحال هئي. مان سنڌس معلوماتي مون حيران ٿي ويس. جيئن تہ پير صاحب پاڳارو شاهہ مردان شاهہ پاڻ هڪ وڏو پڙهيل لکيل شخصيت ۽ گفتار جو بادشاهہ هو پر جام ساقي پنهنجي ڪردار جي ڪري وڏي عزت حاصل ڪئي. گهڻ ماڻهون اهڙي جاءِ ناهي سگهندا آهن مون جام ساقي کي ڏکئي ڏينهن ۾ بہ هميشہ خوش ۽ مسڪرائيندي ڏٺو.

1988ع وارو دور هو ضياءَ جي آمريت پنهنجي عروج تي هئي، پهريون ڀيرو جام ساقي وڏي عرصي ڪانپوءِ جيل مان آزاد ٿيڻ وارو آهي. ڊي ايس ايف جي قيادت جام ساقي جي اعزاز ۾ آجياڻو ڏيڻو هو ڪو ماڻهو ڪا جاءِ ڏيڻ تي راضي نہ هو

انهن ڏينهن ۾ بہ نوجوان معشوق ملاح ۽ اقبال ملاح منهنجي والد سان ملڻ آيا. جن چيو تہ اسان چاهيون ٿا تہ جام ساقي توهنجي گهر جي ڇت تي ڪيس آجياڻو ڏيون؟ ان وچ ۾ عبدالواحد آريسر، ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، شمشير الحيدري، بشير خان قريشي، طارق اشرف، غلام نبي مغل، حليم باغي، پروانو ڀٽي، غلام نبي مغل، نازسهتو، جمن دربدر، تاج جويو، دستگير ڀٽي، آپا قمر، عابده پروين، سڪينہ سمون سميت سنڌ جا محب وطن، جمهوريت نواز، ضياءَ جي آمريت مخالف قوتن جو مضبوط محاذ منشي هائوس هوندو هو.

جيڪڏهن مان لکان تہ ضياءَ خلاف ايم آر ڊي تحريڪ منشي هائوس کان پوري سنڌ تائين پکڙي تہ اهو سچ هوندو. خير هڪ نعرو جيڪو مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ ٻڌو هو اهو وري منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو تنهنجو ساٿي منهنجو ساٿي، جام ساقي جام ساقي. ڪاش مان ننڍپڻ ۾ واپس وڃان ۽ آمريت جي خلاف هڪ متحرڪ جام ساقي کي ڏسان.

اڄ سنڌ ۾ اهڙو دليرءَ جرئتمند ڪردار نظر نٿو اچي، جام ساقي ڌرتيءَ ۽ وطن جي عوام لاءِ هر طرح سان جان قربان ڪرڻ جو عزم ڪيو هو جنهن طبقاتي جدوجهد ۾، مزدورن، هارين جي جدوجهد ۾ هن جو وڏو نالو هو. سنڌس جرئت جي ڪهاڻيءَ جو عڪس جيڪڏهن ڪنهن ۾ هاڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اها سنڌس لائق ڌيءَ ڊاڪٽر بختاور جام ۾ آهي.

”اهو ماڻهو جنهن جو تعارف ذوالفقار علي ڀٽي سان ٿيو“

جنهن کي زندگيءَ ۾ هر قسم جون آڇون هجن. بينظير ڀٽو جنهن جي بچاءَ جي شاهد بڻجي. بينظير ڀٽو جيڪا هلي ڪري سنڌس گهر اچي. جتي هو هڪ ٽٽل کٽ يا صوفا تي ويهي رهي، جام هن کان پڇي تہ ڪهڙي خدمت ڪري سگهجي ٿي بي بي .. تہ هو هٿ جي اشاري سان پراڻي مٽ مان پاڻيءَ جو گلاس گهري. جڏهن اتي ناهيد خان هٿ ۾ منرل واٽر کڻي بيٺل هجي. پر محترمہ چيو تہ هن مٽ جو پاڻي پيئڻو آهي.

جام ساقي منهنجو چاچو هو پوءِ هو زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ منهنجو دوست ٿي ويو هاڻي مون کي اها خوشبو ڪنهن ڪامريڊ مان نٿي اچي، هو اڪيلو هو جنهن جو مان اڪثر پنهنجي گهر ڪچهري لاءِ انتظار ڪندو هئس. تڏهن هو پنهنجي پٽ سارنگ سان گڏ ايندو هو. جام صاحب مون سان ادب، سياست، رومانس ۽ دنيا جي هر موضوع تي ڳالهائيندو هو هن وٽ عمر جي قيدءَ تفاوت نہ هوندو هو واقعي اهڙو جام هاڻي پيدا نٿو ٿي سگهي.

هو اسان کان گهڻو پري نڪري ويو آهي. ڪاش اسين سڀ گڏجي ايمانداري سان پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري سگهون. تہ جام ساقي جو مشن جاري رهي سگهي ٿو دل سنڌس جدائي قبول نٿي ڪري، واقعي بہ جام ساقي پنهنجي ذات ۾ هڪ عظيم انسان هو هو منهنجو دوست بہ هو!

بقايا *** 01

جيو تہ ڪجھ عنصر معاشري ۾ مايوسي ۽ نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. عوام متحد رهي ۽ ملڪي ترقي ۾ حصو وٺي. فورم ان ڳالھ تي زور ڏنو تہ غير آئيني ۽ بي بنياد سياسي بيان بازي ۽ جذباتي شرانگيزي جو سهارو وٺڻ بدران ثبوتن سان قانوني طريقي ڪار تي عمل ڪيو وڃي. ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس چيو تہ 9 مئي جي منصوباسازن ۽ سهولتڪارن کي سختي سان منهن ڏنو ويندو ۽ هرصورت ۾ انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا *** 02

ٽڪيٽ ڏنو ٻئي طرف پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي صوبائي صدر جعفرخان مندوخيل ٻڌايو تہ مير دوستين ڊومڪي(ن) ليگ جو اميدوار هوندو. پارٽي صدر شهباز شريف ان کي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. هوڏانهن جمعيت علماءِ اسلام عبدالشڪور غيبيزئي کي سينيٽ جي ضمني چونڊن ۾ پنهنجو اميدوار بڻائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ انهي کي ٽڪيٽ اڳري تي جاري ڪيو ويندو.

بقايا *** 03

ڏنو ويندو وزارت عظميٰ جو حلف کڻڻ جي اڳئين ئي ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف تازي طوفاني برسات کان متاثر گوادر جو دورو ڪيو ان موقعي تي بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي وزيراعظم جو استقبال ڪيو وزيراعظم اڏام دوران اين ڊي ايم اي جي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ کان گوادر ۽ ڏکڻ بلوچستان ۾ تازي طوفاني برسات سان ٿيندڙ نقصانن ۽ جاري امدادي ڪاررواين تي بريفنگ ورتي. وزيراعظم کي ملڪ جي ٻين علائقن ۾ نقصانن ۽ متاثرين جي مدد جي لاءِ قدمن تي پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم هدايت ڪئي تہ جديد ٽيڪنالاجي ۽ سيٽلائيٽ جي ذريعي قدرتي آفتن جي وقت کان اڳ تعين جي لاءِ نظام جوڙيو وڃي. متاثر مواصلاتي ڍانچي جي بحالي ۽ نجي ملڪيتن جي نقصانن جي تفصيلي جائزي تي جلد رپورٽ پيش ڪيو وڃي. تازي طوفاني برسات جي متاثرين جي مدد ۽ بحالي جي لاءِ هڪ ٺوس پلان جوڙي پيش ڪيو وڃي. متاثرين جي ريسڪيو ۽ مدد ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي وڃي. بعد ۾ وزيراعظم متاثرين جي لاءِ قائم خيمہ بستي ۾ متاثرين ۾ امدادي سامان ۽ چيڪ ورهايا. ان موقعي تي وزيراعظم کي برسات سان ٿيندڙ نقصانن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو تہ تازين برسات سان گوادر ۾ 3100 گهر متاثر ٿيا. جيواڻي ۾ 125. پسني ۾ 25. سنسر ۾ 260 گهرن کي نقصان پهتو 93 گهر مڪمل تباهہ ٿيا. برساتن سان 200 جانورن کي نقصان پهتو. 19 متاثر رستا بحال ڪيا ويا آهن ڊرانهن علائقن ۾ نيوي ۽ بلوچستان حڪومت جي هيلي ڪاپٽرن جي ذريعي امدادي سامان پهچايو ويو متاثرين کي طبي سهولتن جي فراهمي جي لاءِ آرمي ۽ سول ادارن پاران ميڊيڪل ڪئمپون هنيون ويون. ان موقعي تي وزيراعظم محمد شهباز شريف متاثرين ۽ ميڊيا سان ڳالھ ٻولھ ڪندي چيو تہ 26 فيبروري تي طوفاني برسات ۾ گوادر ۽ بلوچستان جي ٻين حصن ۾ تباهي ڦهلائي. الله جو شڪر آهي گوادر ۾ ڪو جاني نقصان نہ ٿيو بلوچستان ۾ 5 ماڻهو فوت ٿيا انهن جي پونئيرن سان همدرديءَ ۽ تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا. زخمين جي جلد صحتيابي جي لاءِ دعاگو آهيون. هن بلوچستان جي وڏي وزير کي حلف کڻڻ جي فوري پوءِ متاثر علائقي گوادر پهچڻ تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ وڏو وزير مشڪل وقت ۾ فوري هتي پهچي ۽ متاثرين جي پنهنجي وت آهر امداد ڪئي. هي ڪو احسان نہ آهي پر بطور چونڊيل حڪومت اسان جو فرض آهي. اسان متاثرين سان گڏ بيٺل آهيون. بلوچستان جي وڏي وزير جي قيادت ۾ سمورن نقصانن جو ازالو ڪنداسين. هن پاڪ فوج، نيوي، ڪوسٽ گارڊ، پي ڊي ايم اي سنڌ جا ٿورا مڃيا جن متاثرين کي امدادي سامان پهچائڻ، پاڻي جي نيڪالي ۽ رليف جي ڪمن ۾ فوري مدد ڪئي. بلوچستان حڪومت ۽ مقامي انتظاميا پاران کنيل قدمن کي ساراهيو. هن چيو تہ مصيبت ۾ پنهنجي ڀائرن سان گڏ بيهڻ هجڻ جو حڪم اسان جو مذهب بہ ڏئي ٿو ان فرض جي ادائگي ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪنداسين. هن چيو تہ 2022ع ۾ موسمياتي تبديلين سان انهن علائقن ۾ طوفاني برساتن ۽ ٻوڏ سان وڏو نقصان ٿيو اسان هن وقت هر متاثر جڳھ تي پهتاسين ۽ وفاقي حڪومت متاثرين ۾ 100 ارب رپيا ورهايا. اسان پنهنجي وت آهر ۽ دوست ملڪن جي تعاون سان انصاف ۽ شفاف طريقي سان متاثرين تائين امداد پهچائي. هن چيو تہ تازي طوفاني برساتن ۾ سڄي ملڪ ۾ 44 ماڻهو فوت ٿيا. الله انهن جي مغفرت فرمائي. هر فوت ٿيندڙ جي گهروارن کي 20 لک، زخمي کي 5 لک جڏهن تہ تباهہ ٿيل گهر جي مالڪ کي ساڍا 7 لک رپيا معاوضو ڏينداسين. هن تازي امدادي ڪاررواين ۾ ڀرپور ڪارڪردگي رکندڙ ادارن جي ملازمن ۽ ريليف ۽ بحالي جي ڪمن ۾ مصروف ماڻهن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

بقايا *** 04

هو. وفد شهباز شريف کي وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. آصف علي زرداري وزيراعظم کي خاطري ڪرائي تہ پيپلزپارٽي معاشي استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ حڪومت سان گڏ بيٺل رهندي. نئين چونڊيل وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ هو سڀني جو ٿورائتو آهي جن ملڪ جي خدمت لاءِ ڪيس ٻيهر موقعو ڏنو. جڏهن تہ هن ايوان ۾ پنهنجي اتحادي پارٽين جي اعتماد تي بہ ٿورا مڃيا. وزيراعظم شهباز شريف بہ ملاقات دوران وفد کي خاطري ڪرائي تہ هو خدا جي ڪرم ۽ محنت سان ملڪ جي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. ملاقات ۾ پاڪستان مسلم ليگ نون طرفان سينيٽر اسحاق ڊار، سينيٽر اعظم نذير تارڙ ۽ پنجاب اڳوڻو نگران وڏو وزير سيد محسن نقوي بہ موجود هئا.

بقايا *** 05

قرار ڏيڻ جي تفصيلي فيصلي ۾ لکيو تہ لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو آئين ۽ قانون سان گڏ سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي بہ خلاف آهي. خاص عدالت جي فيصلن خلاف اپيلون سپريم ڪورٽ ئي ٻڌي سگهي ٿي. لاهور هاءِ ڪورٽ جو خاص عدالت جوڙڻ جو ڪيس ٻڌڻ جو اختيار نہ هو سپريم ڪورٽ فيصلي ۾ ريمارڪس ڏنا تہ خاص عدالت اسلام آباد ۾ هئي، ان جي ڪري بہ لاهور هاءِ ڪورٽ ڪيس ٻڌڻ جي مجاز نہ هئي. خاص عدالت جي فيصلي خلاف اپيل جو حق مجاز فورم تي موجود هو. لاڳاپيل فورم کي ڇڏي لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪجي ها. فيصلي ۾ وڌيڪ ريمارڪس ڏنا ويا تہ هاءِ ڪورٽ جو اهو چوڻ درست ناهي تہ خاص عدالت وفاقي حڪومت نہ جوڙي هئي. خاص عدالت لاءِ وفاقي ڪابينا کان منظوري پوءِ ورتي وئي هئي. عدالت عظميٰ پنهنجي فيصلي ۾ وڌيڪ لکيو تہ مصطفيٰ ايمپيڪس ڪيس جو سپريم ڪورٽ جو فيصلو خاص عدالت جوڙڻ ڪانپوءِ آيو هو. لاهور هاءِ ڪورٽ پرويز مشرف کي بري ڪري اهڙو رليف ڏنو جيڪو گهريوئي نہ ويو هو

بقايا *** 06

سان مفاهمت نہ ڪنداسين. اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي علي امين گنڊاپور چيو تہ پي ٽي آءِ باني چئي رهيو آهي تہ رول آف لا ٿيڻ گهرجي. اسان نظريي موجب ڪم جاري رکنداسين. اهڙو نظام جوڙينداسين تہ اڳتي ڪو مينڊيٽ چوري نہ ڪري سگهي. هن چيو چيف جسٽس کي درخواست آهي تہ 9 مئي تي ڪميشن جوڙي. اسان جون عورتون ۽ ڪارڪن جيلن ۾ آهن. اسان جو مطالبو آهي تہ 9 مئي تي فائدو کڻندڙن جو گهيرو ڪيو وڃي. اسان پاڪستان لاءِ بہ حڪومتون ڇڏيون آهن ۽ پي ٽي آءِ باني اسان جي ٻارن جي جنگ وڙهي رهيو آهي. سنڌس چوڻ هو تہ مرڪز جي حڪومت مينڊيٽ چوري ڪيو آهي. اسان ووٽ چورن سان مفاهمت نہ ڪنداسين. باقي صوبائي ۽ وفاقي حڪومت طور رابطي ۾ رهنداسين. اسٽيبلشمينٽ بہ اسان جي آهي ادارا بہ اسان جا آهن.

بقايا *** 07

سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ پارٽي وزيراعظم نريندر مودي پاڪستان جي نئين

چونڊيل وزيراعظم شهباز شريف کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ان کان اڳ سعودي ولي عهد شهزادو محمد بن سلمان، ترڪ صدر طيب اردگان ۽ ايراني صدر بہ شهباز شريف وزارتِ عظميٰ جو منصب سنڀالڻ تي مبارڪون ڏئي چڪا آهن.

بقايا *** 08

۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شازيا مري چيو تہ هن ملڪ کي معاشي ۽ سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. چونڊيل ميمبر حلف برداري جي تقريب جو انتظار ڪري رهيا هئا پر صدر آئيني ذميواري پوري نہ ڪئي. هن چيو تہ آئين اسيمبلي کي يرغمال بڻائڻ کان روڪي ٿو اسان سان جيڪو ڳالهائيندو اسان ان سان ڳالهائينداسين. قانون موجب اسپيڪر جي چونڊ ڪانپوءِ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ٿيندي آهي پر اسپيڪر صاحب ميمبرن کي تقريرن جو موقعو ڏنو سنڌس چوڻ هو تہ قومي اسيمبلي ۾ گوڙ هو. اسان تقريرن کي نہ ٻڌي سگهياسين. جڏهن تقريرون ڪير نہ ٻڌي سگهي تہ عوام کي گهٽي ٿيندي آهي. اليڪشن هڪ وڏو عمل هوندو آهي. جنهن ڪانپوءِ ميمبر حلف کڻڻ چاهيندا آهن. احتجاج سڀني جو حق آهي. احتجاج کان ڪنهن کي روڪڻ نہ گهرجي. آئيني ۽ قانوني حدن ۾ رهندي احتجاج ڪرڻ گهرجي. شازيا مري چيو تہ ايف بي آر جي ڪارڪردگي مايوس ڪندڙ آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ ايف بي آر کي بهتر ڪيو وڃي. وزيراعظم پي آءِ اي بابت تجويز پيش ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ اسان جي تجويزن تي عمل ڪن ها تہ هي وقت نہ اچي ها. ادارا وڪرو ڪرڻ مسئلن جو حل ناهي. جيڪڏهن وڪڻ ڪرڻو منصوبو آهي تہ پ پ کي ٻڌائين.

بقايا *** 09

45 پنهنجي ويب سائيٽ تي جاري ڪري ڇڏيا. اليڪشن ڪميشن طرفان فارم 45 ڪانسواءِ 46، 48 ۽ 49 بہ ويب سائيٽ تي جاري ڪيا ويا آهن. اليڪشن ڪميشن قومي ۽ چئني صوبائي اسيمبلين جا تڪن جا فارم جاري ڪيا آهن. اليڪشن ڪميشن تڪن جي حساب سان فارم جاري ڪيا آهن.

بقايا *** 10

تي سياڻي راءِ ٻڌائيندي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 9 رڪني لارجر بئنچ 4 مارچ تي صدارتي ريفرنس تي راءِ محفوظ ڪئي هئي. ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي خلاف ريفرنس 2011 ۾ داخل ڪيو ويو هو. سپريم ڪورٽ ۾ مجموعي طور تي 2011 کان 2024 تائين 12 ٻڌڻيون ٿيون. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 9 رڪني بئنچ 12 سالن ڪانپوءِ ڊسمبر 2023 ۾ ٻڌڻي شروع ڪئي. 7 ٻڌڻين ڪانپوءِ 4 مارچ تي 9 رڪني بئنچ ٻڌڻي مڪمل ڪري ورتي هئي.

بقايا *** 11

سينيٽر اسحاق ڊار ناڻي واري وزير جي ڊوڙ کان ٻاهر ٿي ويو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي ويجهن ذريعن تصديق ڪئي آهي تہ محمد اورنگزيب ئي نئون ناڻي وارو وزير هوندو. ذريعن موجب گذريل ڏينهن وزيراعظم، وزارت عظميٰ جو حلف کڻڻ ڪانپوءِ جيڪا ميٽنگ ڪئي ان ۾ محمد اورنگزيب بہ موجود هو. ذريعن جو چوڻ آهي تہ محمد اورنگزيب ن ليگ قائد نواز شريف سان بہ ملاقات ڪئي آهي. شهباز شريف ڪابينا جي حوالي سان نواز شريف سان ملاقات ڪندو. جنهن ڪانپوءِ ناڻي واري وزير لاءِ محمد اورنگزيب جي نالي جو اعلان ڪيو ويندو. ذريعن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ اسحاق ڊار کي ٻي ڪا اهم وزارت ڏيڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 12

موجب نئين پينشن اسڪيم سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن تيار ڪئي آهي جنهن جي تحت نئين سرڪاري ملازمن کي حڪومتي پينشن جي بجاءِ رضاڪارانہ پينشن اسڪيم ڏني ويندي. وفاقي حڪومت سرڪاري ملازمن جي راضپي سان انهن کي نئين اسڪيم ۾ منتقل ڪري سگهي ٿي. ايس اي سي پي سرڪاري ۽ نجي شعبي ٻنهي ۾ نئين اسڪيم لاڳو ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. نجي شعبو هن وقت ملازمن کي پراويڊنٽ فنڊ يا گريجوئٽي جي سهولت ڏئي رهيو آهي. ايس اي سي پي جي تجويز آهي تہ نجي شعبو ملازمن کي صرف رضاڪارانہ پينشن اسڪيم ڏيندو انهي اسڪيم جي تحت ملازمن جي تبديلي جي صورت ۾ بہ ملازمن کي پينشن جي سهوليت جاري رهندي. هن وقت ملڪ ۾ 43 پينشن فنڊ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ انهن فنڊز ۾ 61 ارب روپين جي سرمائيڪاري ڪئي وئي آهي. خيبرپختونخواهہ حڪومت سڀني کان پهريان 2 سال اڳ پينشن فنڊز ۾ سرمائيڪاري ڪئي ۽ هن وقت صوبائي حڪومت جي ملازمن کي 21 پينشن فنڊز ڪم ڪري رهيا آهن. پنجاب حڪومت بہ ملازمن جي لاءِ رضاڪارانہ پينشن اسڪيم شروع ڪرڻ واري آهي.

بقايا *** 13

سان ڳالهائيندي شبلي فراز چيو تہ مخصوص سيٽن کي ڇڏيو، ڪهڙو ڪهڙو حق ناهي کسيو ويو؟ رڳو هڪ ساهہ کڻڻ جو حق باقي آهي هن چيو تہ مهانگائي وڌندي. چوڻ تہ مهانگائي آڻڻ انهن جي ايجنڊا ۾ شامل آهي.

بقايا *** 14

اسان ڪيئن خاموش رهنداسين. پي ٽي آءِ باني عمران خان ڪنهن کان بہ انتقام وٺڻ جو ارادو نٿو رکي. هو فتح مڪ ماڊل ڏانهن ويندو. قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر چيو تہ سڀني کان پهريان اسان کي هن نظام کي تبديل ڪرڻو آهي. ايندڙ حڪومت اسان جي هوندي ۽ اسان ملڪ ۾ صاف، شفاف چونڊون ڪرائينداسين. هن وڌيڪ چيو تہ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان سان اسان جا فاصلا ڊگها آهن انهي کي وقت سان گڏ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

بقايا *** 15

آمريڪي پرڏيهي ترجمان ميٿيو ملر چيو تہ پاڪ۔ آمريڪا ويمن ڪائونسل، سول سوسائٽي ۽ ٻين ادارن سان سهڪار جاري آهي. عورتن جي حوالي سان اهڙن اهم فيصلن سان سڌائين خوشي ٿيندي آهي.

بقايا *** 16

آهي. بلاول ڀٽو زرداري مرحوم جي ڇهين ورسي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ مزدورن جي حقن لاءِ ان تڪ جدوجهد ۽ طبقاتي استحصال جي مزاحمت جام ساقي جي لازوال ميراث آهي. پ پ چيئرمين موجب جام ساقي ضيا جي آمريت واري دور ۾ قيد برداشت ڪيو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ٿي جام ساقي جي حق ۾ گواهي ڏني هئي. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو گواهي ڏني هئي تہ جام ساقي خلاف ڪيس بي بنياد ۽ سياسي بنيادن تي داخل ڪيو ويو آهي. جام ساقي کي پيٽا پيش ڪرڻ جو بهتر نمونو سنڌس برابري، انصاف ۽ پورهيت طبقي کي بااختيار بڻائڻ واري سوچ تي عمل ڪرڻ آهي. جام ساقي جي ميراث هاڻوڪين حالتن مان نڪرڻ ۽ مستقبل ڏانهن ۾ رهنمائي ڪري ٿي جتي هر شهري جي حقن ۽ وقار جي پاسداري ٿيندي.

بقايا *** 17

آ اڳواڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ عمران خان اڄ ني احتجاج جو سڏ ڏنو آهي. اليڪشن ڪميشن جي فيصلي خلاف احتجاج ڪنداسين. چو تہ سني اتحاد ڪائونسل جون مخصوص سيٽون ن ليگ ۽ پ پ کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هنن چيو تہ ماڻهن پي ٽي آءِ کي ووٽ ڏنو پر اليڪشن ڪميشن مينڊيٽ ن ليگ ۽ پ پ کي ڏئي ڇڏيو جيڪا زيادتي آهي. جنهن خلاف اڄ تي سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا *** 18

موجب رمضان پيڪيج تحت 800 گرام پتي 100 رپيا، ڦي ڪلو بيسڻ ۽ خارڪ 50 رپيا، کير جو ڦي ليٽر ٽيٽرا پيڪ 30 رپيا، داليون ۽ چانور 25 رپيا ڦي ڪلو ڪوڪنگ آئل 25 رپيا ڦي ليٽر ۽ 800 ملي ليٽر شربت 30 رپيا سستو هوندو ان ڪانسواءِ بي آءِ ايس پي لاڀيندڙن لاءِ ڦي ڪلو کنڊ 109 رپيا، گيھ 365 رپيا ۽ 10 ڪلو اٽو 648 رپين تي برقرار هوندو. يوٽيليٽي اسٽورن تي رمضان رليف پيڪيج 5 مارچ کان چنڊ رات تائين لاڳو هوندو.

بقايا *** 19

جرجاري ڪيو پاڪستان ايڊمنسٽريٽو سروس جي گريڊ 21 جي آفيسر اسدالرحمان گيلاني وزيراعظم جو سيڪريٽري (پرنسپل سيڪريٽري) مقرر ڪيو ويو آهي. اسدالرحمان گيلاني ايڊيشنل انچارج پاور ڊويزن مقرر هو اهو 24هين ڪامن جو آفيسر آهي. ان کان اڳ اهو ايڊيشنل سيڪريٽري انچارج صنعت ۽ پيداوار واري وزارت، سيڪريٽري بورڊ آف انويسٽمينٽ جي عهدي تي فائز رهي چڪو آهي. جڏهن تہ نادرا جي چيئرمين جو اضافي چارج بہ انهي وٽ رهيو اهو وزيراعظم جي آفيس ۾ بطور ايڊيشنل سيڪريٽري ڪم ڪري چڪو آهي. خرم آغا کي وزيراعظم جي موجوده پرنسپل سيڪريٽري جي عهدي تان هٽائي وفاقي سيڪريٽري ڪامرس مقرر ڪيو ويو آهي. اهو گريڊ 22 جو آفيسر آهي جڏهن تہ موجوده سيڪريٽري ڪامرس محمد صالح فاروق کي عهدي تان هٽائي انهي کي اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ليفٽيننٽ جنرل(ر) محمد چراغ حيدر کي دفاع واري وزارت جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. چراغ حيدر جي مقرري ڪانٽريڪٽ تي 2 سالن لاءِ ڪئي وئي ۽ انهي جي مقرري 5 مارچ 2024 کان شروع ٿيندي. سيڪريٽريٽ گروپ گريڊ 20 جي آفيسر ۽ جوائنٽ سيڪريٽري منصوبہ بندي واري وزارت خير محمد ڪلور کي بدلي ڪري ان جون خدمتون سنڌ حڪومت جي حوالي ڪيون ويون آهن. ٻئي پاسي ڊپٽي چيف اڪائونٽس آفيسر، چيف اڪائونٽس آفيس، پرڏيهي وزارت جي عمار رحمان کي تبديل ڪري آمريڪا ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ 3 سالن لاءِ بطور فنانس اينڊ اڪائونٽس آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 20

2 سينيٽرز جي چونڊ ٿيندي جڏهن تہ خيبرپختونخواهہ ۽ بلوچستان مان 11_11 نوان سينيٽرز چونڊجندا. 52 سينيٽرز 11 مارچ تي مدو پورو ڪري رٽائرڊ ٿي ويندا جن ۾ اڳوڻا ڦاٽا جا 4 سينيٽرز بہ شامل هوندا پر 25هين آئيني ترميم جي تحت اڳوڻين ڦاٽا جي 4 سينيٽ سيٽن تي ٻيهر چونڊ نہ ٿيندي. اليڪشن ڪميشن جي ذريعن ٻڌايو تہ سينيٽ چونڊن جي شيڊول جي حتمي منظوري چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبر ڏيندا.

بقايا *** 21

ڏينهن سنڌ پوليس ۾ 25 هزار اهلڪار ڀرتي ڪرڻ جي حوالي سان اجلاس ٿيو. جنهن ۾ ڊي آءِ جي اسٽيبلشمينٽ هيڊ ڪوارٽر، اي آءِ جيز آپريشنز اسٽيبلشمينٽ ۽ ايڊمن شريڪ ٿيا. جڏهن تہ وائس چانسلر سکر آءِ بي اي ۽ ٻيون اختياريون وڊيو لنڪ ذريعي شريڪ ٿيون. اجلاس ۾ ڊي آءِ جي اسٽيبلشمينٽ پوليس اهلڪارن جي SIBA ٽيسٽنگ سروس ذريعي ٿيندڙ ڀرتين تي تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو تہ 25 هزار اهلڪارن جي ڀرتي لاءِ مرحلي وار ٽيسٽ شيڊيول متعارف ڪرايو ويندو. ڪوشش هوندي تہ ٽيسٽ ۾ شامل ٿيڻ جي عمل کي وڌيڪ آسان بڻايو وڃي. ان موقعي تي آءِ جي سنڌ چيو تہ وڏي وزير 25 هزار اهلڪارن جي ڀرتي جا حڪم ڏنا آهن. ڀرتين سان نہ رڳو پوليسنگ کي هٽي ملندي پر هزارين نوجوانن کي روزگار بہ ملندو. هن چيو تہ سمورين قانوني گهرجن کي جلد پورو ڪيو وڃي. ڀرتين ۾ عورتن، اقليت ۽ خاص ماڻهن جي مخصوص ڪوٽا جو بہ خيال رکيو وڃي. وائس چانسلر آءِ بي اي سکر ٻڌايو تہ منهنجي ٽيم جلد ان منصوبي تي ضروري قدمن ڪانپوءِ سنڌ پوليس کي آگاهہ ڪندي.

بقايا *** 22

جي مريضن ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. گوادر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ تيز برساتن کان پوءِ هڪ طرف متاثر علائقن ۾ پاڻي جي نيڪالي نہ ٿي سگهي آهي جنهن سبب شهر ۾ ڊائريا ۽ نمونيا سميت مختلف وبائي بيمارين پکڙجڻ لڳيون آهن. صحت کاتي جي اختيارين چيو آهي تہ برساتن کان پوءِ سيوريج جي اڻپوري نظام سبب برساتي ۽ نالن جي پاڻي اڪثر هنڌن تي واٽر سپلاءِ جي لائنن کي متاثر ڪيو آهي جڏهن تہ آلوده پاڻي جي استعمال سبب مريضن جي انگ ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. گوادر ۾ اڳ ئي صحت جي سهوليتن جي کوٽ آهي. هوڙ صورتحال کان پوءِ پاڪ آرمي ۽ پاڪ بحريہ سان گڏوگڏ جي ڊي اي اي اندس اسپتال انتظاميہ 7 مختلف ٽيمون جوڙي متاثرين کي سهوليت ڏيڻ لاءِ گوادر سربندن جي مختلف علائقن ۾ خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن. طبي ماهرن ۽ شهرين جو چوڻ آهي تہ حڪومت جي طرفان صحت جي حوالي سان بهتر قدم نہ کنيا ويا تہ برساتن سبب وڌيڪ متاثر ضلعي گوادر ۾ وڏي پيماني تي وبائي مرض پکڙجڻ جو امڪان آهي.

بقايا *** 23

وڊيو بيان شير افضل مروت جاري ڪيو. جنهن ۾ ٻيا اڳواڻ بہ پويان بيٺا آهن. اسد قيصر وڊيو بيان ۾ چيو تہ عوام عادل راجا ۽ حيدر مهدي تي اعتماد نہ ڪري، پي ٽي آءِ جي پنهنجي ميڊيا ۽ پنهنجو ترجمان آهي. رڳو ميڊيا ۽ ترجمان جو بيان ئي تسليم ڪيو وڃي. هن چيو تہ ڪجھ ڏينهن کان شير افضل مروت خلاف يوٽيوبر ٻاهر ويهي مهم هلائي رهيا آهن. اهي يوٽيوبر شاهہ محمود قريشي ۽ پرويزالاهي خلاف بہ مهم هلائيندا رهيا. سنڌس چوڻ هو تہ آئين ۽ قانون بابت اسان جي جدوجهد جاري رهندي. اسان ڪڏهن فوج خلاف ناهي ڳالهايو، پي ٽي آءِ باني جو موقف آهي تہ ملڪ ۽ فوج منهنجي آهي.

بقايا *** 24

ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جج جسٽس ذوالفقار علي سانگي ناري ثناءَ گراماڻي جي بازيابي لاءِ داخل درخواست جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو، ناري جو پيءُ ديدار گراماڻي ۽ پوليس آفيسر پيش ٿيا. وڪيل رياض احمد سومرو موقف اختيار ڪيو تہ پيرن جي حويلي مان ناري ثناءَ گراماڻي کي گم ٿئي 2 سال کان وڌيڪ جو عرصو گذري ويو آهي. جنهن جو سهيل شاهہ، عمران شاهہ، رياض مشوري، امجد مشوري ۽ ٻين جوابدارن خلاف ڪيس داخل ٿيل آهي. وڪيل چيو تہ ڪيس داخل هجڻ باوجود خيرپور پوليس ناري ثناءَ گراماڻي جو پتو نہ لڳائي سگهي آهي. عدالت ايس ايس پي سميع الله سومرو کان پڇائو ڪيو تہ ناري ثناءَ گراماڻي ڪٿي آهي؟. جنهن تي هن چيو تہ ناري جي بازيابي لاءِ وڌيڪ مهلت ڏني وڃي. جسٽس ذوالفقار علي سانگي ريمارڪس ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن ايندڙ حاضري تي ناري بازياب ڪرائي پيش نہ ڪئي وئي تہ ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي ضمانت رد ڪري جيل موڪليو ويندو عدالت. ايس ايس پي خيرپور کي پيرن جي حويلي مان لاپتا ٿي ويل ناري ثناءَ گراماڻي کي 26 مارچ تي بازياب ڪرائي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 25

جي گڏيل اجلاس ۾ پارليامينٽ ميمبرن 1958ع جي آئين ۾ ترميم لاءِ ووٽ ڏنو جنهن ۾ 72 جي ڀيٽ ۾ 780 ووٽن سان ترميم منظور ڪئي وئي. ان ترميم ۾ عورتن لاءِ حمل ضايع ڪرڻ جي حق جي ضمانت ڏني وئي آهي. واضح رهي تہ فرانس ۾ 1975ع کان ئي حمل ضايع ڪرڻ کي قانوني حيثيت حاصل آهي پر سروي ٻڌائين ٿيو تہ تقريبن 85 سيڪڙو عوام ان ترميم جي حمايت ڪئي پر مخالف ڌرڻ ۽ ويٽيڪن ان قدم تي سخت تنقيد ڪئي آهي. ان قدم سان فرانس دنيا جو پهريون ملڪ بڻجي ويو آهي جنهن پنهنجي بنيادي قانون ۾ حمل ضايع ڪرڻ جي حق کي واضح تحفظ فراهم ڪيو آهي.

بقايا *** 26

موجب مغوي برڪت، محمد جان، سونهاري ۽ برام بگٽي کي ڌراڻي مهر جي ڪچي مان بازياب ڪرايو ويو. ايس ايس پي بشيراحمد بروهي ٻڌايو تہ ڌاڙيل چئني مغوين کي هڪ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪري رهيا هئا تہ پوليس پهچي وئي. بشير بروهي چيو تہ ڪارروائي دوران ڌاڙيلن ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران هٿياربند مغوين کي ڇڏي فرار ٿي ويا. سنڌس چوڻ هو تہ ڪچي ۾ آپريشن هلندڙ آهي جلد ٻين مغوين کي بہ بازياب ڪرائي ڌاڙيلن جو خاتمو ڪيو ويندو.

بقايا *** 27

پرڏيهي خابرو اداري موجب مالديپ ۾ موجود تقريبن 89 فوجي 10 مئي تائين مالديپ مان نڪري ويندا. مالديپ جي صدر محمد معيزو چيو آهي تہ ڀارتي فوج وردي بدران سادن ڪپڙن ۾ اچي رهي آهي. 10 مئي کان پوءِ مالديپ ۾ ڪو بہ ڀارتي نہ وردي ۽ نہ ئي بنا وردي ۾ نظر اچي ۽ آئون اهو اعتماد سان چوان پيو مالديپ جي بجاءِ واري وزارت موجب مالديپ سومر جي ڏينهن بيجنگ سان چين جي فوجي امداد جي فراهمي جي معاهدي تي صحيحون ڪيون. معاهدو بنا ڪنهن معاوضي جي طئي ٿيو آهي. وزارت جو چوڻ هو تہ اهو معاهدو مضبوط بہ طرفن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ لاءِ. هو ڀارت کي هندي سمنڊ ۾ چين جي وڌندڙ موجودگي ۽ مالديپ ۾ ان جي اثر تي خدشا آهن. چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان مائو ننگ صحافين کي ٻڌايو تہ بيجنگ مالديپ سان گڏيل طور تي هڪ جامع اسٽريٽجڪ سهڪار تي ٻڌل پائيداري قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪري پيو.

بقايا *** 28

ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. موسميات کاتي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ اڄ کان خميس تائين وڌيڪ برسات ۽ جابلو علائقن ۾ برفباري جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. خيبرپختونخواهہ ۽ گلگت بلتستان ۾ برسات جو نئون اسپيل وسڻ لاءِ تيار آهي جڏهن تہ مٿاهين علائقن ۾ وڌيڪ برفباري ٿيڻ جو بہ امڪان آهي. ملڪ ۾ اڄ کان شروع ٿيندڙ برسات جو سلسلو 7 مارچ تائين جاري رهڻ جو امڪان آهي. سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ موسم ٿڌو ۽ خشڪ رهندو جڏهن تہ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ موسم جهڙالو رهندو پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ موسم ٿڌو ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. جڏهن تہ مري، گليات ۽ ڀرپاسي ۾ موسم وڌيڪ ٿڌو ۽ خشڪ رهندو هوڏانهن اين ڊي ايم اي بہ ملڪ ۾ تيز برسات جي هڪ ٻئي اسپيل جي وارننگ جاري ڪري ڇڏي آهي. نيشنل ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي موجب ملڪ ۾ برسات ۽ برفباري کان پوءِ ٿڌ جي نئين لهر شروع ٿي وئي جڏهن تہ تيز برسات ۽ برفباري کان پوءِ لينڊ سلائيڊنگ سبب ڪيترائي اهم روڊ بند ٿي ويا. پاڪ پتن ۽ قصور سميت پنجاب جي مختلف شهرن ۾ برسات ۽ برفباري رڪارڊ ڪئي وئي. جڏهن تہ ڪراچي ۾ ٿڌين هوائن سيءَ ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي. نيشنل ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي اڄ کان 7 مارچ تائين ملڪ ۾ تيز برسات جي هڪ ٻئي اسپيل جي وارننگ جاري ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 29

در پچي اندر داخل ٿيس تہ پٽ جو لاش مليو. پوليس موجب ڊفينس فيز 8 ۾ قائم ايمار ٽاور جي 20 منزل جي فليٽ مان 35 ورهين جي جهانزيب ملڪ جي لاش ملي آهي جنهن کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو هو پوليس موجب جهانزيب ملڪ کي مٿي تي پليان کان نائن ايم ايم پستول سان گولي هڻي وئي جيڪا ٻئي طرف کان پار ٿي وئي هئي. مقتول ڪجھ سال اڳ شيرين نالي عورت سان پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ جو اولاد آهي. مقتول مذڪوره فليٽ هڪ مهينو اڳ گهرواري جي نالي سان خريد ڪيو هو. جڏهن تہ سنڌس گهر واري واقعي کان پوءِ پراسرار طور تي غائب آهي جنهن تي پوليس کي شڪ آهي تہ واقعي ۾ مبينہ طور اها ملوث ٿي سگهي ٿي. مقتول جي پيءُ پوليس کي بيان ڏنو آهي تہ پاءِ جا ٻار رات کان ڏاڏي، ڏاڏي جي گهر تي آهن. مقتول جهانزيب جي ڊفينس ڪدا مارڪيٽ ۾ اليڪٽرونڪس جي دڪان آهي. 35 ورهين جي جهانزيب جي والد غلام رسول پوليس کي ٻڌايو تہ مان اڄ جي رات هڪ وڳي تائين پنهنجي پٽ جي گهر تي موجود هئس واپس ويندي ان جي ٻارن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويس جڏهن تہ ننهن شيرين ڪلفٽن ۾ قائم نجي اسپتال ۾ داخل هئي پر اها بہ گهر اچي وئي هئي. هن چيو تہ اڄ جي رات مون کي منهنجي پٽ چيو هو تہ سومر جي صبح دڪان تي جلد اچجو ڪجھ ڪاروباري معاملن جي حوالي سان ڳالهائڻو آهي جنهن تي مان صبح جو دڪان تي پهتس تہ پٽ موجود نہ هو جنهن کان پوءِ مان ڪيترائي ڀيرا ان کي موبائل تي فون ڪندو رهيس پر ڪو بہ جواب نہ مليو جنهن تہ مان پٽ جي گهر پهتس تہ دروازو ڪنهن نہ کوليو دروازو پڃي اندر ويس تہ پٽ جي لاش ملي جڏهن تہ گهر ۾ منهنجي ننهن موجود نہ هئي. مقتول نوجوان جي پيءُ ٻڌايو تہ منهنجي پٽ وٽ 2 گاڏيون آهن جيڪي هيٺ بيسمينٽ پارڪنگ ۾ بيٺل هونديون آهن پر انهن مان هڪ گاڏي موجود نہ هئي مون سي سي ٽي وي فوٽيج ڪڍرائي تہ ان ۾ صبح جو منهنجي ننهن اها گاڏي کڻي ويندي نظر اچي رهي هئي. ننهن رستي ۾ منهنجي پاڻتي بہ آهي خبر نہ آهي تہ پٽ کي ڪنهن قتل ڪيو آهي.

بقايا *** 30

، رمضان المبارڪ جو مهينو شروع ٿيڻ ۾ رڳو ڪجھ ڏينهن بچيا آهن ۽ ان حوالي سان سعودي عرب پاران پاڪستان کي کارڪن جو تحفو ڏنو ويو آهي. سعودي سفارتخاني پاران ٻڌايو ويو آهي تہ خير سگالي جو اظهار ڪندي سعودي عرب پنهنجن ڀائرن لاءِ 100 ٽن کارڪون پيش ڪيون آهن. سعودي عرب جو چوڻ آهي تہ کليل دل سان ڏنل ان عطيي جو مقصد رمضان جي مقدس مهيني ۾ پاڪستان ڪميونٽي ۾ ورهائڻ آهي.

بقايا *** 31

جي بحالي بابت گڏيل قومن جي قراردادن تي عملدرآمد ڪرائڻ آهي. گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي منير اڪرم غزه ۾ انساني همدرديءَ جي بنياد تي فوري جنگبنديءَ جي مطالبي تي ٻڌل سلامتي ڪائونسل جي 20 فيبروريءَ جي قرارداد تي آمريڪي ويٽو ڪانپوءِ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو تہ عالمي برادريءَ کي غزه تي اسرائيلي اڳرائيءَ کي فوري روڪڻ لاءِ پنهنجي ذميواري نڀائڻ گهرجي. پاڪستاني نمائندي آمريڪا طرفان قرارداد کي ويٽو ڪرڻ تي افسوس ۽ غزه خلاف اسرائيلي اڳرائيءَ جي خاتمي ۾ عالمي برادريءَ جي ناڪاميءَ تي مايوسيءَ جو اظهار ڪيو. جنهن ۾ 30 هزار کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن جن ۾ گهڻو انگ عورتن ۽ ٻارن جو آهي. منير اڪرم گڏيل قومن ۾ او آءِ سي گروپ جي وقتي چيئرمين جي حيثيت سان 193 رڪني جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي چيو تہ گذريل 5 مهينن دوران غزه ۽ فلسطين جي ٻين هنڌن تي اسرائيلي اڳرائيءَ ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ وڌندڙ مايوسي ۽ ڪاوڙ سان غزه ۾ فلسطيني عوام تي مڙهيل تاريخي ۽ نہ ختم ٿيندڙ ظلمن کي ڏسي رهي آهي. غزه ۾ اسرائيلي حملن سبب وڏي پيماني تي انگ ۾ انساني جانيون ضايع ٿيون آهن ۽ گهرن، اسڪولن، اسپتالن ۽ مذهبي ماڳن کي تباهہ ڪيو ويو هن غزه ۾ ناڪافي خوراڪ جي فراهمي ۽ ضروري خدمتن سبب غزه ۾ وڏي انگ تي غذائي کوٽ جي وڌندڙ خطري کان خبردار ڪندي غزه ۾ انساني امداد جي فراهميءَ لاءِ جنگبندي جو مطالبو ڪيو آهي. هن فلسطيني پناهگيرن لاءِ گڏيل قومن جي اداري يو اين آر ڊبليو اي جي کي ختم ڪرڻ جو عطيو ڏيندڙن طرفان اداري جي فنڊنگ روڪڻ جي اسرائيلي مطالبي جي رپورٽ جو حوالو ڏيندي چيو تہ گڏيل قومن اندر مختلف ڌرين سان گڏوگڏ عالمي برادريءَ جي ميمبرن طرفان اڳواٽ ڪوشش باوجود اڳتي بہ وڌڻ خطرن جا اشارا موجود آهن. ان سلسلي ۾ هن چيو تہ غزه ۾ وڏي پيماني تي ڏڪار جو خطرو آهي. جنهن سان والاريل فلسطيني علائقي ۾ فلسطينين جي تمام وڏي انگ لاءِ خوراڪ جي ناڪافي فراهمي ۽ ضروري خدمتون آهن. منير اڪرم چيو تہ دنيا کي فلسطيني عوام جي حق خودارادي واري حق جي حاصلات ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن ۽ عرب امن قدمن مطابق 1967ع جي سرحدن تي ٻڌل ان جي سرزمين تي پنهنجي آزاد ۽ خودمختار رياست قائم ڪرڻ جي حمايت ڪرڻ گهرجي. جنهن جي گاديءَ جو هنڌ بيت المقدس هجي.

بقايا *** 32

۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شازيا مري چيو تہ هن ملڪ کي معاشي ۽ سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. چونڊيل ميمبر حلف برداري جي تقريب جو انتظار ڪري رهيا هئا پر صدر آئيني ذميواري پوري نہ ڪئي. هن چيو تہ آئين اسيمبلي کي يرغمال بڻائڻ کان روڪي ٿو اسان سان جيڪو ڳالهائيندو اسان ان سان ڳالهائينداسين. قانون موجب اسپيڪر جي چونڊ ڪانپوءِ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ٿيندي آهي پر اسپيڪر صاحب ميمبرن کي تقريرن جو موقعو ڏنو سنڌس چوڻ هو تہ قومي اسيمبلي ۾ گوڙ هو. اسان تقريرن کي نہ ٻڌي سگهياسين. جڏهن تقريرون ڪير نہ ٻڌي سگهي تہ عوام کي گهٽي ٿيندي آهي. اليڪشن هڪ وڏو عمل هوندو آهي. جنهن ڪانپوءِ ميمبر حلف کڻڻ چاهيندا آهن. احتجاج سڀني جو حق آهي. احتجاج کان ڪنهن کي روڪڻ نہ گهرجي. آئيني ۽ قانوني حدن ۾ رهندي احتجاج ڪرڻ گهرجي. شازيا مري چيو تہ ايف بي آر جي ڪارڪردگي مايوس ڪندڙ آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ ايف بي آر کي بهتر ڪيو وڃي. وزيراعظم پي آءِ اي بابت تجويز پيش ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ اسان جي تجويزن تي عمل ڪن ها تہ هي وقت نہ اچي ها. ادارا وڪرو ڪرڻ مسئلن جو حل ناهي. جيڪڏهن وڪڻ ڪرڻو منصوبو آهي تہ پ پ کي ٻڌائين.

بقايا سنڌيار 33

۽ ميونسپل آفيسرن سميت مختلف مڪتب فڪر جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي

ڪمشنر ڳالهائيندي چيو تہ رمضان المبارڪ دوران ڪنهن کي بہ هوٽل کولڻ جي اجازت نہ هوندي جڏهن تہ قانون موجب اسپتالن اندر ۽ ريلوي اسٽيشن تي موجود هوٽلن يا ڪينٽين مٿان پابندي لاڳو نہ هوندي. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ هٿرادو مهانگائي ڪندڙ منافعي خورن خلاف سخت ڪارروايون ڪيون وينديون. ڪنهن کي بہ عام واهپي جون شيون من پسند اگهہ تي وڪرو ڪرڻ نہ ڏينداسون ان سلسلي ۾ سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار پنهنجي پنهنجي تعلقي جي بازارن ۽ سبزي منڊين جا دورا ڪري صورتحال جو جائزو وٺندا. ان موقعي تي هن ميونسپل آفيسرن کي پڻ هدايت ڪندي چيو تہ شهرن جي صفائي سٿرائي ۽ مڇرمار اسپري کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا سنڌيار 34

جاري ڪندي چيو تہ داراطفال کي مضبوط ڪرڻ، ٽرانسجينڊر جي ادارن کي اپ گريڊ ڪرڻ، بزرگ شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ سميت ٻارڙن جي حفاظت لا جلد يونٽ ناهي ڪم شروع ڪيو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي سوشل ويلفيئر سکر جي آفيسرن سان سنڌس آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ هڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي لاڀيل ڊويزن جي سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو آهي تہ هو انٽرنيشنل اين جي اوز ۽ لوڪل اين جي اوز جي رجسٽريشن لا هڪ مڪينزم جوڙڻ جنهن ۾ سماجي ڀلائي واري کاتي کي پڻ آن بورڊ رکيو وڃي تہ جيئن سمورن اين جي اوز جي ڊيٽا حاصل ڪري سگهجي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي آفيسرن کان سوشل ويلفيئر کاتي سکر جي ڍانچي کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ ۽ ان کي پيش ايندڙ سمورن مسئلن جي فوري حل لا تجويزون پڻ گهريون. ڪمشنر سکر ڊويزن چيو تہ داراطفال سکر جي احاطي ۾ هڪ بلڊنگ خالي پيل آهي جنهن کي پڻ سوشل ويلفيئر حوالي ڪيو ويندو تہ جيئن اها عوام جي ڀلائي خاطر استعمال ۾ اچي سگهي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن سوشل ويلفيئر ۽ معزورن کي با اختيار بڻائڻ واري کاتي (Department of Empowerment of Persons with Disability) کي هدايتون جاري ڪيون تہ اهي ٻئي کاتا گڏجي معزور ماڻهن لا هڪ حڪمت عملي جوڙن تہ جيئن درگاهن ۽ ٻين جهن تي موجود مستحق معزورن کي آساني سان ريسڪيو ڪري سگهجي.

بقايا سنڌيار 35

جو اظهار ڪمشنر سکر ڊويزن فياض احمد عباسي احترام رمضان ۽ انڪروچمينٽ جي حوالي سان ڪرنايل گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض حسين مهيسر، چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ايس ايس پي سکر زبير نذير شيخ، ايڊيشنل ڪمشنر سکر، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر، اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ مختيار سميت ٻين لاڀيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن سيپڪو جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪندي چيو تہ سحري، افطاري ۽ تراويح جي وقت بجلي جو خاص خيال رکيو وڃي جڏهن تہ گئس جي آفيسرن کي پڻ گيس جي لوڊشيڊنگ هرگز نہ ڪرڻ گيس جو پريشر بهتر رکڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون. ڪمشنر سکر ڊي سي سکر هدايت ڪئي ت شهر مان انڪروچمينٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ان لاءِ اتان جي شهرين کي پنج ڏينهن مهلت ڏني وڃي ان کان پوءِ وڃي ان کي ختم ڪيو وڃي ڪمشنر سکر وڌيڪ چيو ت رمضان ۾ افطاري جي ٽائيم اسپتالن ۾ روزي وارن لاءِ روزي کولڻ جو پڻ بندوبست ڪيو وڃي ڪمشنر سکر ايس ايس پي سکر چيوت هيلمٽ جي استعمال کي يقيني بڻايو وڃي ان لاءِ بغير هيلميٽ ڪافي انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن ڪمشنر سکر سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ وارن کي مخاطب ٿيندي چيوت اهان جي ڪاڪردگي ما مطمين ناهيان ان ڪري پنهنجي ڪاڪردگي کي بهتر بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ اوهان جي خلاف ڪارروائي لاءِ لکيو ويندو . رمضان احترام جي حوالي سان ڊي سي آفيس ۾ ڪمپلين سيل قائم ڪيو ويو آهي جتي عوام پنهنجون شڪايتون درج ڪرائي سگهن ٿا ڪمپلين سيل نمبر 0304.9222151 جنهنجو انچارج زاهد ڏايو کي مقرر ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ڊي سي سکر فياض حسين مهيسر ٻڌايوت سکر شهر ۾ رمضان جي حوالي سان تي بچت بازارون لڳايون وينديون جتي روز مرہ جي استعمال جي شيون سستي اگهن تي فراهم ڪيون وينديون.

بقايا سنڌيار 36

جي صدارت ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني جي دوران ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافع خوري کي روڪي عوام کي رليف ڏيڻ ضلعي انتظاميہ جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي خلاف ورزي ڪندڙ دڪاندارن خلاف رمضان آرڊيننس تحت ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي. هن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪندي چيو تہ هن پلاري مهيني دوران غريب عوام کي هر ممڪن رليف ڏيارڻ ۽ رمضان المبارڪ جي مهيني دوران ضلعي اندر بچت بازارون ۽ ڊسڪائونٽ ڊي پڻ رکيا وڃن. تہ جيئن غريب ماڻهن جو ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن هن وڌيڪ چيو تہ ضلعي انتظاميہ

ڪوشش ڪري رهي آهي تہ عوام کي ضروري شيون مناسب ۽ سستي اگهن تي وڪرو ڪيون وڃن. اجلاس ۾ موجود مختلف هول سيل ۽ ريٽيلرز تنظيمن جي نمائندن کي هدايت ڪندي چيو تہ رمضان المبارڪ دوران هتان جي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ رعايت ڏني وڃي. هن ميونسپل ڪميٽي جي عملدارن کي شهر ۾ صفائي سٿرائي ۽ اسٽريٽ لائيٽون درست حالت ۾ رکڻ جي پڻ هدايت ڪئي. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو غلام سرور پنهور، اسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان نعيم احمد سومرو، اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر عمران راجپوت، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي سيد شاهنواز شاهہ، ڊپٽي ڊائريڪٽر بيورو آف سپلاءِ هرا شيخ، چيف ميونسپل آفيسر اعجاز ملاح، وٽنري آفيسر سلاٽر هائوس ڊاڪٽر مقصود سولنگي، لائيو اسٽاڪ کاتي رياض لغاري، فود انسپيڪٽر غلام رسول، تاجر برادري جي صدر شبير ميمڻ، سليم گدي کان علاوہ ڊيري، مڇي، گوشت، فروٽ، اٽي جي چڪي مالڪن ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 37

